
ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



آرجن چاولا

اِشاعت جو ٽيٽيهون سال

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا - ١٣٠

ايڊيٽر: لکمي کلاڻي

في انڪ: ٢٠ رپيا

Price Rs. 20/=
Annual Subscription Rs. 100/=
Life Subscription Rs. 1000/=

Year-33 سال: ٣٣
Vol-130 انڪ: ١٣٠

(April - Jun. 2011)
اَپريل - جون ٢٠١١

ڀارت کان ٻاهر:
٥٠ يو. ايس. ڊالر

پاران: انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org

سلسلو

لاءِ آمادھ ڪيو. گرديال ملڪ جو جنم ڪوئٽيا ۾ ٿيو هو. هو پليو نپنيو پنهنجي نانائي گهر شڪارپور ۾ هو، ۽ تعليم ڪراچي ڪاليج مان پرائي هئائين. ٽئگور جي سامهون شانتينڪيتن ۾ گرديال ملڪ جي ڏنل انهن ليڪچرن جو ٿيون ڇاپو Divine Dwellers in the Desert جي عنوان سان سنڌالاجيءَ پاران ڇپايو ويو آهي.

سڀ انسان هڪ ئي ايشور جا اُپجايل پاڻ ۾ پائر آهن. هن ڪائنات ۾ موجود سڀني پسن، پکين، ساهوارن پراڻين خواهھ گلن ڦلن، وڻن ٽڻن ۾ هڪ ئي پروردگار جو جلوو نظر اچي ٿو. 'انيڪتا ۾ ايڪتا' يا 'وحدت الوجود' جي اها هيڪڙائي سڀني رشين منين، صوفي فقيرن درويشن اوائل کان پروڙي آهي. هنن لاءِ ٻيائي ڪٿي ڪانهي.

ساهڙ، سا سهڻي، سائر ٻه سوئي،

آهھ نجوئي، ڳجھ ڳجهاندڙ ڳالهڙي. (شاهھ)

گرديو ٽئگور جي ناولن، ڪهاڻين، ناٽڪن مان اهو بخوبيءَ ظاهر آهي تھ هن جي رچيل ساهتيھ جون پاڙون سندس پنهنجي بنگال جي ڀوميءَ ۾ اونهيون ويل آهن. اُن جي انتر آتما ۾ موجود صدين جي ساچھ سوجهيءَ واري خوراڪ ذريعي پرورش حاصل ڪري، اُن وڻ جون ڦولاريل شاخون سڄي سنسار ۾ ڦهلجي، وشو جي ٽڪل هارايل مانو جي آسائش لاءِ ڇانو ۽ هن زهريلي فضا ۾ ساهھ کڻڻ لاءِ آڪسيجن مهيا ڪري رهيون آهن. سڀني ملڪن جي ساهت ۽ ڪلا سان اهو ساڳيو نيم لاڳو آهي- اُهي پنهنجي سڀاوَ، اُتت ٻلت ۾ مڪاني رنگ هڳاوَ وارا هوندا آهن. پر سندن شماع ديس ڪال جون حدون اورانگهي سڄي سنسار کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي فيض رسائيندو آهي.

اهو ئي سبب هو جو شانتينڪيتن ۾ هندي پاڙهيندڙ بلراج ساهنيءَ کي پنهنجون ڪهاڻيون هنديءَ ۾ لکڻ بجاءِ پنهنجي ماتري ڀاشا پنجابيءَ ۾ لکڻ جي ٽئگور صلاح ڏني هئي. شاگردن کي ابتدائي تعليم پنهنجي ماتريڀاشا ۾ ڏيڻ جي اهميت کي رڳو ٽئگور ۽ گانڌيءَ جهڙا دانشورئي سمجهي ٿي سگهيا.

ٽئگور جي اسٿاپت ڪيل 'وشو ڀارتي' ۽ 'شانتينڪيتن' ۾ گرو-شش پرمپرا هيٺ بنان ڪنهن ڏر مذهب، جاتي، ڪُل، نسل، رنگ ۽ جنس جي ڀيد ڀاوَ جي جدا جدا ملڪن مان آيل شاگرد نهايت ئي ساز سلوڪ سان، نالندا ۽ تڪشيلا جهڙي واتاورڻ ۾ صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻجڻ جي سکيا حاصل ڪري رهيا هئا. هت ٽئگور جو اپنايل وشو وياپي مانوتاواد، ڪين پنهنجي پورڻ آزادي ۽ انساني مان

اَسانجي طرفان

ربيندرناٿ ٽئگور ۽ وشوياپي مانوتاواد
(Universal Humanism)

٧ مي ٢٠١١ تي ربيندرناٿ ٽئگور جو ١٥٠ جنم ڏينهن سڄي ڀارت ۾ ڌام ڌوم سان ملهايو ويو. ٽئگور جي رچيل ڪوتائن، ڪهاڻين، ناولن، ناٽڪن ۽ مضمونن جا نوان سنسڪرڻ ظاهر ٿيا. ڪيترن سيمينارن ۾ سندس هن ساهتڪ ڌروهر کي اڄ جي بدليل پس منظر جي ملهن ماڻن جي ڪسوٽيءَ تي پرکي اُن جو ٻيهر مولياڪڻ ڪيو ويو. ساهتيه اڪادميءَ به پنهنجي صوبائي شاخائن ۾ ٽئگور جو جدا جدا ڀارتي ڀاشائن جي ساهت تي اثر ۽ انُهن ۾ ترجمو ٿيل سندس ساهت جي سوچي پيش ڪرڻ لاءِ ودوانن کي پنهنجا مقالا پڙهڻ جي نيند ڏني. ڪيترين ئي اخبارن ۽ مخزنن ۾ ٽئگور تي سندس فوٽن سان گڏ ليک نظر آيا، جن ۾ سندس رچنائن، فلسفه حيات ۽ گروڪل پدتي انوسار اسٿاپت ڪيل 'وشوڀارتي' ۽ 'شانتينڪيتن' جي نئين سکيا پرڻاليءَ جو جائزو ورتو ويو. سنڌاللجيءَ ۾ به ٽئگور جي ڪهاڻي 'ڪابولي والا' کي آڌار بڻائي گوبند مالهيءَ جو لکيل ناٽڪ پهريون ڀيرو سنڌي منچ تي پيش ڪيو ويو. جلدئي ٽئگور جو سڀ کان وڌيڪ مقبول ناٽڪ 'پوسٽ آفيس' به سنڌاللجيءَ ۾ 'منگهارام ملڪاڻي ڊرئميٽڪ ڪلب' طرفان سنڌيءَ ۾ پيش ڪيو ويندو.

ٽئگور کي پنهنجي ماتر ڀومي، ماتر ڀاشا ۽ ڀارتي سنسڪرتي ۽ سڀيتا سان بيحد پيار هو. هو انُهن ڀينگهن ۾ پلجي وڏو ٿيو هو. بنگال جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ 'بائول' درويش جي يڪتاري تي ڳائجندڙ چنڊيواس ، وديا پتي، جئديو، چئتنيه جهڙن وئشنو ڪوين جي ٻاڻيءَ هن کي لولي ڏيئي تاتيو پاليو هو. هن جي سوچ فڪر کي ويدن اُپنشدن سان گڏ، صوفي درويش شاعرن نانڪ، ڪبير رومي، حافظ عطار به گهڙي تراشي، سندس ذهنيت کي ڪشادو ڪري ڇڏيو. ٽئگور پاڻ به ڪبير جا هڪ سو دوها بنگالي ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا، جيڪي اڄ ڇاپي ۾ موجود آهن.

سنڌ جي شاهه سچل ۽ ٻين صوفي شاعرن جي واڻي ٻڌي، ٽئگور شانتينڪيتن ۾ تنهن وقت پاڙهيندڙ اُستاد گرديال ملڪ کي انهن جي شاعريءَ تي ليڪچر ڏيڻ

ڪيڻ، ڀارت جي اُپکنڊ ۾ ۱۹۴۷ ۾ جناح طرفان، مسلمانن کي هڪ الڳ قوم قرار ڪري ملڪ کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائڻ، ۱۹۷۲ ۾ اوڀر پاڪستان جو اولهه پاڪستان کان ڇڄي ڌار ٿي پنهنجي الڳ بنگلا ديش جي Nation قائم ڪرڻ، ويسٽ جرمني ۽ ايسٽ جرمنيءَ جي وچ ۾ برلن جي ديوار سائوٿ ڪوريا - نارٿ ڪوريا، نارٿ ويٽنام - سائوٿ ويٽنام - نارٿ آئرلينڊ - سائوٿ آئرلينڊ، افغانستان، ايران، عراق، ڪشمير، بلوچستان، اڄ سڄي دنيا ۾ ٿوڄاڻ، افراتفري ڦهليل آهي. دهشت گردي انسان جو نئون مذهب بڻجي وئي آهي. Nation جي نالي لکن جي تعداد ۾ بي گناهه انسانن جو ڪوس ٿيو آهي. عورتن جي بي حرمتي ڪئي ويئي آهي. هن وچرندڙ بيماريءَ جو اڃا ته ڪو انت نظر نٿو اچي.

شاهه صاحب موجب اهڙن رت پياڪ وحشي انسانن کان ته آڪاش ۾ اڏامندڙ پکي صدبار بهتر آهن.

ولر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾
ڏسو پکيئڙن، ماڻهان ميٺ گهڻو

اَلائي ڪڏهن انسانن ۾ پکين جهڙي شناس، سمجهه، سوجهي پيدا ٿيندي. روس جي سائبيريا علائقي مان ڪونج پکي (Siberian Cranes) ۽ فليمنگو پکي (Flemingos) برفاني سرديءَ کان گهبرائجي مهينن جا مهينا اُڏامي ڀارت جي گرمائش ۾ اچي پنهنجا آنا لاهيندا آهن ۽ پنهنجي ڇوڙن تي آرو ڪري سنڌن پرورش ڪندا آهن ۽ وري ڇهن مهينن لاءِ پنهنجي ملڪ واپس موٽي ويندا آهن. سڄي آڪاس تي سنڌن حڪم هلندو آهي ۽ هو هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ ڏانهن سفر ڪرڻ لاءِ پوريءَ طرح آزاد هوندا آهن. ڌرتيءَ جي انسان ذات ۾ به ڪاش اهڙي Snowbird concept پيدا ٿئي. پنهنجي جاگرفيائي حدن جا پاڻ پاتل مصنوعي ليڪا مٽائي، هو به پکين جيان بنا ڊپ ڊلو پاسپورٽ ۽ ويزا جي هڪ ٻئي ملڪ ڏانهن گرمي سرديءَ ۾ اچي وڃي سگهن. هڪ ٻئي سان قرب پيار محبتون ونڊي سگهن. اَسان سنڌي هندن کي اُن ڏينهن جو وڏو انتظار آهي جڏهن اسين به سنڌ موٽي وڃي پنهنجي ڀونءِ جي مٽي مٿي لائي سگهنداسين. پنهنجي قربائتن مسلمان ڀائرن ڀينرن سان ڀر لڳي ڀاڪيون ڪري سگهنداسين. ڀاءُ ڀاءُ ۾ نفاق پيدا ڪندڙ ان تنگ قوميت جي ڀوتن کي هڪ خراب سپنو سمجهي هميشه هميشه لاءِ ماضيءَ جي قبرن ۾ دفن ڪري ڇڏينداسين.

مرتبي جو احساس ڪرائي، پنھنجي جوابداري پاڻ کڻڻ، پنھنجي مرضيءَ سان چونديل رستو اختيار ڪري، پنھنجي زندگيءَ کي پنھنجي چاھيل معنيٰ ڏيڻ جو سبق سيکاري رھيو ھو.

Where the mind is without fear

And the head is held high ....

ٽئگور موجب سڀني ڌرمن جو مول منتر ھڪ ئي آھي پيار ۽ ڪروڻا. سنسار جا سڀ پراڻي ھڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي آھن **वस्देव कुटंबकम**

ٽئگور بہ شاھہ صاحب جيان ھن سموري سنسار جي لوڪن جو خير گھريو. اھوئي سندس مانوتاواد يا انسان پرستي آھي.

سائينم ! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار

دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

ھن سنسار ۾ ايشور يا پرڪرتي جيڪي بہ اُس، پاڻي، ھوا، ڌرتي، آڪاش جھڙيون نعمتون عطا ڪيون آھن، اُھي سموري انسان ذات جي گڏيل ملڪيت آھن. ڪوبہ ھڪ مٿي ڦريل انسان يا انسانن جو قبيلو، پنھنجي طاقت جي زور تي انھن نعمتن جي اردگرد ليڪا پائي اُنھن کي پنھنجي خانگي ملڪيت قرار ڪري اُن مٿان پنھنجي سرھڪ علحدي NATION ھئڻ جي تختي لڳائي نٿو سگھي.

گذريل چند صدين ۾ انسانن جي ڪيترن گروھن پنھنجي شخصي مفادن لاءِ پاڻ کي تنگ قوميت جي جاگرافيہ حدن ۾ محدود ڪري، پنھنجي ذھنيت کي سوڙھو گھٽي، پنھنجي حفاظت لاءِ نفرت جا بم بارود، ۽ خودڪشي دستا Suicidical Squads تيار ڪري، پنھنجو پاڻ کي ھن صفحي ھستيءَ تان ئي مٽائڻ تي سندرو ٻڌو آھي. ٽئگور ھن تنگ نظريي واري قوٗميت کي انسان ذات مٿان آيل اڄ جو وڏي ۾ وڏو سنڪٽ سڏيو آھي جيڪو ھڪ وچڙندڙ بيماريءَ جيان ڏينھون پوءِ زور وٺندو ٿو وڃي. ھن وبا جھڙي بيماريءَ جي ٽئگور پنھنجن ٽن ليکن ۾ تفصيل سان اوک ڊوک ڪئي آھي.

1. Nationalism in the West 2. Nationalism in Japan 3. Nationalism of India

گذريل ويھين صديءَ جي پھرين ۽ ٻين مھاڀاڙي لڙائي. ھٽلر جو لکن جي تعداد ۾ يھودين کي گئس چيمبر ۾ ٻوساٽي مارڻ، يھودين جو پنھنجي حفاظت لاءِ الڳ ملڪ ازرائيل کڙو ڪرڻ لاءِ عربن کي سندن پئلسٽائين مان ٻاھر ھڪالي

تنها / واسديو نرمل

١. بهتر مورک دوست کان، سياڻو دُشمن آهه.

٢. وات نه ٿيندو آ مِٺو، 'حلوو حلوو' چئي!

٣. چانوَ کندو آ هرکو وڻ، پنهنجي ٿُڙَ جي گِرد.

۴. راز کبوتر جيان سُتَت، هَٽ مان ڇُٽندو آهه.

۵. اَچي کَڇون ۾ جيان ڏن، مگر وڃي هَرڻ وانگر.

٦. کڏهين سوني زين سان، گڏهه نه گهوڙو بڻي.

٧. پلي وڃي مَکي ته پِي، اُن حاجي نه ٿيندو.

٨. هِکڙي کوئل سان کڏهن، بهار ايندو ناهه.

٩. اُپ ۾ اُڏندڙ بازکان ، بهتر هٿ ۾ جِهرک..

١٠. پُڊاپواَچي نه هيکلو، اَچن ٿا مرض به ساڻ!

Flat No. 401, Mahran Society, J.V.P.D. Scheme,
N. S. Road No. 10, Juhu, Mumbai - 400049,



برک سنڌي کهاڻيکار پدم ديودت شرما


(جنم ٧-١-١٩٣۴) جي ديهانت (٦-٦-٢٠١١)

۽



برک سنڌي ودوان، کوشکار ۽ شاه جي اپياسي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (ج. ١٦-١٢-١٩١٧) جي سنڌ ۾ ديهانت (٦-۴-٢٠١١) تي اَسين سنڌن کٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ شريک آهيون.

سنڌالاجي پريوار



غزل / واسديو نرمل

ڳالهہ ۾ ڪجهہ ڪين هوندو، پوءِ بہ هوُ رُسندو تہ آ
ڪوئي ڀل ڇا ڀِي ڇوي، جهڙو بہ آ، پنهنجو تہ آ.

ڀل تہ اَندر ۾ سدائين دشمني پالي، مگر
ٻاهران هڪ دوست جيان ڏيکارِي هوُ ڏيندو تہ آ.

دل تہ ٿئي ٿي مان ڪريان پنهنجن ۾ هن ڪي بي نقاب
پر سندس ڇهري پنيان ڇهرو لِڪل منهنجو تہ آ.

جنهن سمورِي زندگي ڪڏهين ڪڏي ٻاهر نہ ٻاڦ،
اَڄ اُنهيءَ جي وات مان. ڀُٽڪو ذرا نڪتو تہ آ.

ڇُٽندي ڇُٽندي آس جو دامن ڇُٽڻ ڪان رهجي ويو
ٻات ڪاريءَ ۾ نظر آيو ڪوئيِ ڪِرڻو تہ آ.

ڪجهہ تہ نرمل آهہ، جو ڪپڙن ۾ اَڄ ماپي نٿو
پڪ ٿي پڪ ڪنهن معتبر هن ڪي ڏنو دلبو تہ آ.

انڊر لائين

منهنجو ڪتاب پڙهندي پڙهندي
تو ڪجهه شبد انڊر لائين ڪيا هئا
۽ سوچيو هيئه ته سندن مطلب
مونکان پڇندينءَ.
مون جڏهن ڳڍ ڳڍاريل وقت جا
ورق ورايا ته تورن لمحن کي لڙڪن سان
انڊر لائين ڪري ڇڏيو.

ڪهاڻي

هڪ شام تو پيرم ويهي چيو هو،
’ڪائي ڪهاڻي ٻڌاءِ.‘
مون پڇيو هو، ’ڪهڙي؟‘
تو چيو هو ’ڪهڙي به‘
مون هڪ لنبي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي.
تون روئندي رهي هئينءَ، تون روئندي رهي
هئينءَ، تون روئندي رهي هئينءَ.
تنهنجن لڙڪن جون ڪجهه بوندون
منهنجن هٿن تي ڪريون ۽
سڪي ويون.
انهيءَ گهڙيءَ کانپوءِ مونکي نه ته گنگا جل
۽ نه ئي آب زم زم جي ضرورت رهي.

45/D Hemu Kalani Square,
Jaripatka,
Nagpur - 440014

گفتگو

تون هميشه ئي ساڳيو سوال پڇندي آهين
مان هميشه ئي ساڳيو جواب ڏيندو آهيان،
جڏهن جڏهن تون سوال پڇندي آهين،
تڏهن تڏهن مان جواب ڏيندو آهيان،
ڪجهه سمجهه ۾ ايندو آ،
ڪجهه سمجهه ۾ نه ايندو آ.
اهو سلسلو تيستائين جاري رهندو آ
جيستائين بئي تنهنجو سوال ۽ منهنجو جواب
ڪنهن غيب ۾ گم نه ٿي ويندا آهن.

فراخدلي

تو لاءِ اها فراخدلي رهي آهي،
ها ! فراخدلي،
پر مونکي اِلائي ڇو ائين لڳندو آهي ته ڄڻ
تو سڀ ڪجهه خيرات ۾ ڏنو آ،
وقت، ڇهاءُ، سات، چنبن، محبت ۽ ديا،
تو لاءِ اها فراخدلي رهي آهي، ها ! فراخدلي.

آوارا رستا

آوارا رستا،
غلط ڏِشائن طرف ڏڪيندا رهيا،
رشتن جي مروج ڪليل پيچرن،
بدظن ٿي ڪيو
موہ جي اُلجهيل ڪڙين کي.
ڪنهن تي ڪهڙي ميار
هي تہ سياست ۽ شطرنج جا مُهرا
محراب طرف جي رسمي ادائگي محض
پنهنجا ڪپڙا پاڻ ڦاڙي
انداز سان فوٽا ڪڍارائي ڇپائڻ -
وندرائيندڙ ڇهڇٽو آهي.

مان شايد وساري وينو آهيان
هستيواد ئي آهي اُنهن آوارا رستن کي همٿائي رهيو
اوڙاہ ۾ ڦاٿل آهي تنهنجو منهنجو وشواس
آواز- انلحق نڙيءَ ۾ ڦٽڪي رهيو
چپ تہ ڪافي ڦڙ ڦڙائي رهيا هئس
ليڪن آواز ڪٽي.
سماجوادي سمانتا،
انساني اڏيڪارن جي ڏڪيل ڏونهينءَ تي،
سيڪن وينا پنهنجي مطلب جون روٽيون.

هي شخص شايد سميہ وادي / موقعي پرست آهن
سمجهہ جا گهوڙا - سَتا جا سمرٿڪ بڻي
آسائتا آهن اڄ بہ - اِنڪري
بي لغام عالمگير برادري بانبڙا پائڻ لڳي

41, Rohini Building, Nana Chiloda Road,
P.O. Naroda Industrial Estate, AHD - 382330

ٽڙ

مان هڪ اَناڙي وديارٿي
اَنڌڪار ۾ ڪتاب پڙهڻ جو عادي !
مان
هڪ وديارٿي (ڪرڻ / ايڪلويه شايد!)
شرڌا، دان، تياڳ جي شوق ۾ مبتلا
احسانن هيٺ دٻيل سو اڀ
مان
پنهنجي اَهم کان ايترو ته
پڇي نه سگهيس - ته -
آخر مان آهيان ڪير

رشتن جي ڪانڊياري جهنگل ۾
موهه جون اونهيون کاهيون لتاڙي
مان / آءٌ
ڪنهن ٽڪريءَ تي
ٽارين ڪٽيل
سڪل ڪاٺ جو ٽُڙُ
يا ٻُنڍ ڪجهه ڪاميل - اڌوهي کاڌل
عرصي کان بيٺو آهيان
۽
مان اڄ به مضبوط نه آهيان
اَهم جي پهاڙين تي جو آهيان
حال في الحال
سمجهه جي چامڙن جي پهچ کان پري
ڪافي مٿيرو آهيان شايد اِنڪري
ڏس
هي ٻڙ جو وڻ ڪيترو نه ڦهليل آهي.
پاسي ۾ پپل ۽ اَڪ ڦلڙيون ڦهليل
وارياسا ڪنارا نديءَ جا
مان هڪ اَناڙي وديارٿي
ريت تي پنهنجي پيرن جا نشان
ٺاهيندو رهيس
مٽيءَ جا گهر اڏيندو رهيس ....

مرجهايل پن وڻن تان ڪرندا آهن چپ چاپ
ڪين مٽيءَ ۾ ملائي
ڌرتي ڏيئي ڇڏيندي آهي پاڙن کي
۽ هڪ ڏينهن اهي ٿي سڪل پيلا پن
موٽي ايندا آهن خوبصورت ساوڪ سان ڀرپور
نوان پن بڻجي

سر واپس ايندا آهن ساز ۾
اَبا - ڏاڏا پنهنجي وارثن ۾
گل ڦل ۽ جيو ختم ٿي ويندا آهن
پنهنجي وقت سان
نئين سروري موٽندا آهن سنسار ۾
جيئن ڪوئي پورو ڪري اَچي پنهنجو سفر

فرق

فرق آهي
وقت گذارڻ
۽
زندگي جيئڻ ۾

زندگي
مون توکي دل سان جيئڻ ٿي چاهيو
هر گهڙي هر ڏينهن
پر
وقت گذرندو رهيو پنهنجي رفتار سان
تو سان گڏ آيا جيڪي
منهنجا ڏينهن رات؟
ڪي اُڏامي ويا سڪل پنن جيان



واپسي

سڀ ڪجهه واپس ايندو آهي سنسار ۾
اُماس جي انڌيري رات کان پوءِ
روز موٽندو آهي چنڊ، ڏيري - ڏيري وڌندي
مرڪندي آهي چانڊوڪي هوريان - هوريان
تارن جي وچ ۾.

هر سانجهيءَ جو
سج سمائجي ويندو آهي اولهه جي سمنڊ ۾
رتو رات آسمان ۾ چانئجي ويندي آهي سانت
۾
رات گذرندي ئي اوڀر جي اُفق ۾
ليئو پائيندو آهي نرم، ملايم، سرخ سج
ڪنهن نئين ڄاول ٻار جيان
ڪڏهن - ڪڏهن
ڏوڙيندي آهي هوا سنسار کي ڪجهه دير
پر جلدي ئي موٽي ويندي آهي جهنگلن ۾.

واپس ايندي آهي اس هر ڏينهن
چُمندي آهي جبلن جا چپ
سيارو به موٽندو آهي خاموشيءَ سان
ڪوهيڙي جي چادر پائي.

سنڌ جي ياد

منهنجي پياري سنڌ
تون ڪافي پري آهين هتان
پر تنهنجو وجود سدائين قريب
منهنجي اندر ۾.

مون توکي ڪڏهن به نه ڏٺو
پر
منهنجي بند اکين جي نيرانڻ ۾
تون ڪڏهن - ڪڏهن وسندي آهين
سنهري سپني جيان.

تنهنجي وهڪري جي تيزي
اڪثر محسوس ٿيندي آهي مونکي
ڏکي راتين جي
ڪن خاموش لمحن ۾.
لڳندو آهي
جيئن ڪا وسريل يادگيري
اوچتو
ياد ايندي آهي واروار
تيئن، توکي ياد ڪندي آهيان مان
۽
سوچيندي آهيان ته
ڇا، تنهنجو وجود منهنجي وراثت آهي
يا
جيئن تنهنجو وهڪرو پاسو ورائيندو آهي

ڪجهه گم ٿي ويا رات جي انڌيري ۾
منهنجي پاڇي جيان
۽، ڪجهه ڇڏي ويا واريءَ وانگر مٺ مان
ياد رکڻ لائق ته ڪجهه به نه رهيو.

ڪيتري ڪوشش ڪئي
ته
پنهنجي ڪنهن ڪاميابيءَ تي خوش ٿي سگهان
پر
هر مرڪ ۾ سمائجي ويندي هئي
لڙڪن جي آلاڻ
انڌيري رات ۽ گهري ننڊ جي باوجود
اَچانڪ
گم ٿي ويندا هئا سپنا به ٽانڊاڻن جيان

ناڪاميءَ جي ڪن گهڙين ۾
اَٿاهه پيڙا سهڻ ڪان پوءِ به
زندگي
توکي جيئڻ جي ڪوشش
مان سدائين ڪندس
ڇاڪاڻ
ڪنهن خاموش لمحي ۾
اَچانڪ
موٽي مليا ڪجهه رنگ، هڪ ننڍڙي مُرڪ،
ڪجهه خوبصورت لفظ،
پيار جو احساس ۽ موٽ پڻ
صرف ايترو ئي ڪافي آهي
هڪ شاعر جي زندگي جيئڻ لاءِ.

سنڌ جي زمين جي خشڪي
آسمان جي اداسي
مونکي پنهنجي باري ۾ سوچيندي؟

جيئن
پوري چنڊ ڏانهن نهاريندو آهي سمنڊ
تہ
آسمان چمڻ چاهيندو آهي وِير

تيئن
منهنجي ويچارن جي وير
ڏڪائيندي آهي مونکي
تيز ٿي ويندو آهي منهنجي رت جو وهڪرو
پرڻ لڳندي آهيان مان اَزخود

ڪڏهن - ڪڏهن
مان چاهيندي آهيان
تہ
منهنجي رت ۾ وهندڙ سنڌوءَ نديءَ جي تيزي
سميٽي وٺي مونکي پنهنجو پاڻ ۾
ساڙي وجهي پلي مونکي پنهنجي باهہ ۾
يا
منهنجو پُريل وجود بہ
بڻجي وڃي موئن - جي- دڙي جو حصو.

نہ مان سنڌو نديءَ جو وهڪرو آهيان
نہ
موئن- جي - دڙي جو ڪوئي حصو
نہ ئي سمايل آهي مون ۾
شاهہ جي ڪنهن سورميءَ جي آتما
پوءِ ڪنهن ڪان وچڙيل آهي منهنجو وجود
ڪير آهيان مان؟

83, Sarvodaya Nagar, Indore - 452001

ڌرتيءَ جي اندر دوُر تائين
تيئن
منهنجي رت جي رفتار ۾
تون سمائجي ويندي آهين؟

تنهنجي لهرن جو سنگيت
مان ٻڌندي آهيان پنهنجي ڌڙڪن ۾
ڪنهن بينام خوشبوءِ کي جڏهن محسوس ڪندي آهيان هوا ۾
تہ
لڳندو آهي
شايد
تون منهنجي سواسن ۾ سمايل آهين.

ڪير آهيان مان؟

آرسيءَ ۾ نظر ايندڙ هيءُ چهرو؟
شايد منهنجو ناهي!
سالن کان هڪ رواجي زندگي جيئندڙ مان؟
شايد
اها بہ مان نہ آهيان!

مان ڪير آهيان؟
رات جي گهري سانت ۾
بيچيني‌ءَ سان پاسا ورائيندي
اونده ۾ چوڌطرف نهاريندي
منهنجي اندر ۾ اٿندو آهي اهو سوال
جنهنجو جواب مون کي اڃ تائين نہ مليو آهي.

نہ مان سنڌ ۾ ڄائي آهيان
نہ مون سنڌ ڏٺي آهي
پوءِ چو محسوس ٿيندي آهي

حاصل

مڃيانٺو ڪپي ڪوري ويا ڪي احساسَ توکي
مگر سواءِ اُنجي -
اڄ،
هڄين هان بيو ڪجهه - خبر آ توکي؟
هي مشاهدو به ماٺي وَٽُ هاٺي

ڪنبائيندڙ آ؟
ترڪائيندڙ آ؟
پلج نه،
حيات جو حصو آ
ڪلهه ڪنهن ٻئي سان لاڳو هو
اڄ توتي نازل آ.

مٺو ٺبڪيندين به ڪٺي ڪٺي
هڪ سازش آ جتي ڪٺي
جنهن ۾ گويا هرڪارو ڪڪر
شامل آ!

هوشُ سنڀاليو اٿئي
ءِ ڏکيو آهين برابر،
وري به سيني ورجايو نه توکي
ته تنهنجي حيات جو ڇا - حاصل آ؟

-۲-

اِظهارُدرد جو آهي
پَر ڪرڻو ناهي
ڳوڙهنِ سان!

اُهوئي ظلمُ
اُهو ئي بيدادُ
حال وري به اوڙٺو
ٻوڙن سان!

هيءَ پائماليءَ جي حد ناهي
گذرڻو اَڄا پي آهي
نون نون - موڙن تان!

گيتا ته اُٿلائيندا رهياسين روزُ
ليڪن،
پڇي ڪين سگهياسين هڪ پي
ڪوڙن مان!

Opp: Nagbai Temple,
Near. T.V. Station,
Gandhigram-Junagadh

كويتا / رتن آڏتاڻي

ڇا ڪجي؟


هيءُ هڪ ٻن راتين جو،
اوجاڳو هجي تہ سمجهي پئجي.
سالن جا سال،
منهنجي نيڻن جا دوارکليا رهن تہ ......

مون تہ ٻَر رهڻُ چاهيو ويرورود ڪان
هرهنڌ،
پر تيرَ
چئني طرفن ڪان هلندا رهن تہ ....

اکين کي ڇپن کي تہ،
سنيم جي سکيا ڏنيسين
ليکن باقي عضون مان،
تڙ ڪات ايندا رهن تہ ....

هڪ قدم اڳتي،
ڏهہ قدم پٺتي.
بس اهڙا ئي مقام،
هن حيات ۾، ايندا رهن تہ ....

مس وچي معنيٰ-اي-حيات مغز ۾ ويني
پرسڀ ڪجهہ ٿي ويو بي معنيٰ
بيءُ پَل،
پوءِ الزام بي سمجهيءَ جا، ايندا رهن تہ ......



غزل / ارجن چاولا

-ا-

لهرن کي جئن ڇُميائين، گلابي بڻي پيون
جل جون مڇيون بہ جڻڪ شرابي بڻي پيون

ڪيڏو نہ خوشگوار هو منظر اکين اڳيان،
نَس نَس سجاڳ ٿي پئي ۽ ڌڙڪنون ڏَنويون

پلڪون جهڪيون، اُفق تي انڌيرو ويو ڇانئجي
پلڪون کڄيون تہ جڻڪ ڪي ڪِنوڻيون هيون ڪِنويون!

وينل ڏسي ٿي ڦيري ڇڏيو منهن بہ منزلن،
پر جئن اُٿيس تہ ٻوڙِي پيرين اَچي پيون!

مون سان سفر ۾ پنهنجو ئي پاڇو تہ پل نہ هو،
پر همسفر ضرور رهيون صورتون نيون.

چوندي ڪنيا ها وَر ۽ وراڪن جا پيچرا،
پر چو اَلائي ورتيون نہ واٽون سِڌيون ۽ سَنئيون.

ٻئي جا قصور ويهي اَجايو ڇو مان ڪڍان،
مون تنهنڪري ئي تهمتون سڀ پاڻ تي ڪنيون!

منهنجي ڪا ڳالهہ توکي پلي گهٽ وڻي هجي،
تنهنجون بہ ڳالهيون ڪين وڻيون، پوءِ بہ سڀ وڻيون!



اَرجن چاولا

پورو نالو : اَرجن گاهي مل چاولا

جنم : ١٠ فبروري ١٩٢١

جنم اَستان : ڪشمور (ضلع جيڪب آباد - سنڌ)

تعليم : ايم. اي. (انگريزي)، بي. ايڊ. ڊي. ايس. عليگڙھ

پيشو : • رٽائرڊ پرنسيپال، مڌيہ پرديش ايڊيوڪيشنل سروس.

• ايڊيٽر SKYLARK - INDIA

(English Poetry Magazine)

شايع ٿيل ڪتاب :

١. چارڻ چوريو چنگ (ڪوتائون - ١٩٨٧)

٢. اُڀريا عڪس هزار (ڪوتائون - ٢٠٠١)

٣. اَحساس جي آهٽ (ڪوتائون - ٢٠٠٩)

سنمان ۽ انعام:

چارڻ چوريو چنگ تي C.H.D. طرفان ٥٠٠٠ رپيہ انعام

اُڀريا عڪس هزار تي NCPSL طرفان ٢٠٠٠٠ رپيہ انعام

سرنامو : 6/198, Street No:1
Nai Basti, Aligarh - 202001

فون : (0571) 2420329

M : 09359150422

هر نظاري ۾ تڪيو پئي گهوُري،
منهنجيون نظرون به وڃي نيٺ اَڙيون!

پڙڪندي ساهي پٽڻ لاءِ ترسيون،
هي نگاهون اِئن ته ناهن ڪي ڇڙيون!

-٣-

روز سامهون ٿا اچن راز نوان،
کهڙا کوليان ويهي ۽ کهڙا ڍڪيان!

تنهنجي اَکڙين جي شرارت، توبهه!
تِن سان نيڻان ته پلا ڪئن نيڻان!

رات در تي ٿي، اَچانڪ کَٽ - کَٽ
ڪير ڀيو هوندو، هوا ئي سمجهان!

عين اُن مهل هئي اک ڦڙڪي
جنهن گهڙيءَ تيار ٿي نڪتس ٿي گهران!

وات کهڙي آ صحيح، ڪو ته ڏسي،
هاڻ ڇڏواتي تي وينو ٿو پڇان.

ڪنهن کي ڇا فرق پوي ٿو ته جي مان
پاڻ کي ياد رهان، يا وِسران!

جسم سارو ته ويو ڇِن ڇِن ٿي،
سور سوچيو کهڙي ڇِن مان اُبران!

گل ٿو خوشبو ڏئي شايد مون لاءِ
مان به گل لاءِ ئي پنور ٿي ٿو پِران!

تون نري ٿو پوين هِن ڦِن کي ڏسي
مان رڳو توکي ڏسي پيو ٿو ٺران!

پڙدي پنيان اکين جي شرارت کو گهٽ نہ هئي،
چنچل نگاهون پڙدي منجهان ئي نہ پئي ڇَلڪيون!

نظرن سان منهنجي اُڃ بہ پيتا ٿي ٻُڪ پري،
هوُنگار هيڄ مان پري دل لاتڙيون لَنويون

-٢-

وٺي هوا موتي ڏسي بند دريون
گهر جون ديوارُون اَصل کين نريون!

هيئن هوائن تي ڏنا جَهلڪارا
پنهنجي آڳُڙ تي مگر کين وريون!

نينگريون نندڙيون ڳليءَ مان نڪتيون
اِئن لڳيون عرش تان آيل ڪي پريون!

ڇاتي راهن جي پئي آ ڇِلجي
کير لانگهائوُ ٿيو، نظر ڪريون.

هيءَ تہ ڪو اهلِ - ذهن شخص هيو
جو سندس ذهن ۾ ٿيو آهہ ذريون!

سڀ ڏسن ٿا اَڏ - جَليَل مُڙدي کي
آليون لَڪڙيون هيون، شايد نہ ٻريون!

پل ڇُهيون عرش تي اوُچا ڪي مقام
هيٺ ڌرتيءَ جي مگر ڪجهہ تہ ڳليون!

اي تہ آلاڻ بنا اُڀي آ
لُڙڪ لاڙيون بہ ني، ڪجهہ تَر تہ ڪريون!

سڀ سُڪيو آهہ بنا پاڻيءَ جي
پنهنجا هي ڪورا ڪٽورا تہ ڀريون!

ليک / اَرجن چاولا



اَدب ۽ سماجڪ بدلاءُ

اَدب ڇو ۽ ڪنهن جي لاءِ؟ اهو سوال صدين کان بحث جو موضوع رهيو آهي. ادب سماج جو آئينو آهي، ائين عام طور چيو ويجي ٿو. پر جيڪو اَدب وقت جي حڪومت جي نوازش هيٺ رچيو ويجي ٿو اهو سماج جي وڏي طبقي جي سورن ۽ صدمن، خواهشن ۽ خلشن جي ترجماني ڪرڻ ۾ قاصر رهي ٿو. اَڄ کان هزار- ٻارهن سوَ سال اَڳ جي دؤر ۾ رچيل ساهتيہ جو وڏو حصو جيڪو راجائن مهاراجائن جي نوازشن هيٺ پليو ۽ نپنيو سو يا تہ حسن و جمال جي ذڪر و خيال تائين محدود رهيو يا وري ويرگاٿائن ۾ سميٽيل رهيو. جَن - ساهتيہ يا عوامي اَدب جي پيروڪارن ۽ سمالوچڪن اَهڙي اَدب کي 'چرڻ - ساهتيہ' جو لقب ڏنو. اَهڙو ادب وقت جي راجائن مهاراجائن جي وندر- ورونهن لاءِ يا سندن ڪوڙي ويرتا جي شان ۾ رچيو ويو. اَهڙي اَدب ۾ عوام جي حال - بدحالي، سک ڏک يا اِڇائون - تمنائون لڳ ڀڳ نہ جي برابر شامل رهيون. مگر شاهي درٻارن کان پريرو جيڪو ساهتيہ رچيو ويو انهيءَ ۾ سماج جي يٿارٿ جو اظهار ضرور ملڻ لڳو. اتهاس جي رچنا جو بہ لڳ ڀڳ ساڳيو ئي حال رهيو. راڄ درٻار ۾ لکيل اتهاس عام جنتا جي طرفداري ڪندو نظر نٿو اَچي. جابر حڪمرانن خلاف اُڀرندڙ بغاوت ۽ عوام تي ٿيندڙ ظلم و ستم خلاف اُٿندڙ آواز ڪٿي ڪٿي ملي ويندو. غلامي ۽ ظالم حڪمرانن خلاف ساهتيہ لکڻ وارن رچناڪارن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. آزاديءَ کانپوءِ جيڪا ساهتيہ جي رچنا ٿي ان ۾ آزاد هوائن جو ڇهاءُ محسوس ٿيڻ لڳو. انهيءَ ساهتيہ ۾ بحث مباحثہ جي جهلڪ ملي ٿي. گانڌي واد، ڪميونزم يا ساميواد ۽ ترقي پسند ڌارا جو اثر صاف نظر اَچي ٿو.

آزاد ۽ جمهوري نظام ۾ تخليق ڪيل ادب ۾ عام آدميءَ جي پيڙائن سان،

جي پڙهي ڪين ٿو چاڻين تہ ڪا حرڪت ناهي
ائن نہ چؤ سامهون لکيل صاف عبارت ناهي!

هي آذانون، ۽ اهي سنک ۽ ڏن گهنٽن جي
صرف ٻوڙن جي وِندر آهہ، عبادت ناهي!

سوُر ٻيا کوڙ حياتيءَ جا بہ پالي ٿا هلون
جيءَ ۾ سانديل رڳو هڪ درد- محبت ناهي!

دل جو رشتو تہ مٿاهون آ سڀني رشتن کان
نيڪ اَحساس جو ٻنڌن آ، سياست ناهي!

عشق يا دوستي يا پيار پلي ڪجهہ بہ چئون -
وڻج واپار بہ ناهي، ڪا تجارت ناهي!

تنهنجي چاڻئڻ ۽ منهنجي درڪي آ ساڳيو آڳڙ
چانوَ ۽ اُس آ ٻنهي لءِ، ڪا ورهاست ناهي!

تون ڪا پرواهہ نہ ڪر، ماڻهو ميارون جي ڏين
هي اڱڻ پنهنجو آ، ڪنهن غير جي رياست ناهي.

پل بہ پل پاڻ ۾ ويهي ڪي رهاڻيون تہ رچيون
تون چوين ٿو: مون کي هڪ پل جي بہ فرصت ناهي.

جئن چوين، جئن بہ ڪرين، توکي آ پروانو مليل
پر مونکي اُف بہ ڪرڻ جي چو اِجازت ناهي!

باغ ۾ خوف خزان جو هو تہ مون ڀرا ڏنا
اڄ بهارون ٿيون چوَن تنهنجي ضرورت ناهي!

6/198, Street No. 1
Nai Basti, Aligarh-202001 (U.P.)



ڪهاڻي / اِندرا واسواڻي

نِتُ نئون پيارُ

خطُ سندس هٿن ۾ ئي هئو. پڙهندي، سُڏڪندي پئي ويئي. اکين مان ڳوڙها اِئين ٿي ڳڙيا جڻ آب جا ڪٽورا ٿي وهيا. ڪجهہ پلَن لاءِ سندس اکين ۾ چمڪ بہ اَچي ٿي ويئي پر وري ساڳي گهري اُداسائي! ڀلا اِئين بہ ڪڏهن ٿيو آهي؟

چاليهہ سال گذري ويا آهن. ٽي دفعا ئي سندرکيس خط لکيا. شاديءَ جو ڪارڊ بہ موڪليو هئائين. اُن کي بہ عرصو ٿيو وري وچ ۾ سندس حال اَحوال پڇڻ لاءِ بہ خط لکيو هئائين. اُهو سڀ ڪجهہ مالتيءَ سنڀالي رکيو هئو. شاديءَ جي واڌاين جي تار موڪليندي هوءَ زار زار رُني هئي. خط جي جواب ۾ لکيو هئائينس تہ ’بس، زندگي ڪٽجي ويندي.‘ پر هِن خط سندس من کي جهنجهوڙي ڇڏيو.

ڪيترو نہ پيار ڪندو هو کيس سندر! اَصل گهور گهوران پيو ويندو هئس. اَجان آفيس ۾ هڪ ئي ڏينهن جائن ڪئي ٿيو هئس. تڏهن کان ئي سندر سان سندس واقفيت پهرين دوستيءَ ۽ پوءِ پيار ۾ بدلجي ويئي. مالتيءَ جي پيءُ کي اِها سڌس پئجي ويئي. شهر هئو ئي ڪيترو؟ کيس اِشاري ۾ ئي سمجهائي ڇڏيو هئائين تہ، ’مالتيءَ جي شادي معني گهر جي بربادي!‘ هوءَ ئي گهر ۾ ڪمائيندڙ هئي سندس ٻئي ڀاءُ ڀيڻ پڙهندڙ. پيءُ تمام گهٽ پگهار تي نوڪري ڪندو هو. ٻي ڪا ڪمائي ڪونہ هئي.

سِنڌُ ۾ تہ سندن ٻڌل گهر هئو. سندس پيءُ کي بہ سٺي نوڪري هئي. مالتيءَ پنجون اَنگريزي ٿي پڙهيو جو ورهاڱو ٿيو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ۾ باقي بہ سال هئس. هتي اَچي تہ شهر شهر پئي ڀٽڪيا. سندس پيءُ کي ڪٿي روٽي روزيءَ جو حساب ئي ڪونہ ٿي سمجهہ ۾ آيو. جڏهن هِتي پهتا تہ شهر اَجان

اُميدن - اِڇائن سان ڄُڙيل سروڪارن سان ساهتڪارن جي وابستگي ضرور نظر اَچي ٿي. عوام جا ڏک درد ۽ پيڙائون، انهن جا ڪارڻ ۽ خاتمو ئي ان جا موضوع رهيا آهن. پر انهيءَ سان گڏ خيمي - بندي به شروع ٿئي ٿي. ترقي پسند اديب، غير ڪميونسٽ ڌارا کي ڪڏهن بورجوئا (Bourgeois) ساهتيه ته ڪڏهن پونجي پتي دلالن جو دستاويز چئي ادب جي زُمره ۾ ئي ٿا ليکن. عوام جي پاسخاطري يا طرفداريءَ جي آڙ ۾ گانڌي وادي ويچار ڌارا کان متاثر ساهتيه کي پرتيڪرياوادي Reactionary ۽ بورجوئا (Bourgeois) (فرينچ ڀاشا ۾ وڻج واپار ڪرڻ واري طبقي لاءِ ڪم آندل لفظ) ساهتيه ڪوٺي آلوچنائن جي ٻَڇ ڪئي ويئي. عام آدميءَ جي نالي ۾ انهيءَ سر زور وهڪري پنهنجا ڪيترائي آلوچڪ يا تنقيد باز (نقاد نه) تيار ڪري ورتا. بولشيوڪ انقلاب کان پوءِ ڀارت سميت ڪيترن ئي نئين مان چاول ملڪن ۾ ڪميونسٽ ويچار ڌارا کان متاثر ساهتيه رچنا جو جڻ سيلاب اَچي ويو پر انهيءَ ويچار ڌارا جي وڏي خامي اها رهي ته ان ۾ ديش جي سمپورڻ سماج جي بجاءِ فقط اَهڙي عوامي طبقي جي باري ۾ لکيو ويو جنهن جو روسي ۽ چيني ڪميونسٽ ساهتيه ۾ ذڪر ٿيل هو. آزاديءَ کانپوءِ به اَهڙن آڪاڙي باز ساهتيڪارن جو جڻ ڪو جُهنڊ ڪنو نظر اَچي ٿو. جيڪو اصولي پوئلڳي يا مُريدي جي ڪارڻ جهڪڻ لاءِ تيار ناهي. تنهنڪري ڪافي عرصي تائين ساهتيڪارن جي خاصي طبقي کي متاثر ڪرڻ جي باوجود وياپڪ يا وسيع سماج ۾ اَهڙي ساهتيه کي زياده مقبوليت حاصل نه ٿي سگهي. ترقي پسندي Progressivism يا پرگتيواد جي نالي ۾ ڪاليداس، تلسيداس، سورداس جهڙن يگانتر ڪاري Epoch - making لوڪ پريه رچناڪارن جي گلخوري ڪرڻ وارن ساهتيڪارن کي عوام ناڪاري ڇڏيو. اها ڳالهه ڀانپي پرگتيوادين پنهنجي موضوع ۽ قلم جي نوڪ کي حالات جي تقاضا مطابق موڙي ڇڏيو. مگر اهو سڀ ڪجهه هوندي به ڀارت جهڙي ديش ۾ عام آدميءَ جي فڪر- ذڪر وارو ادب گهڻو ڦلجي ڦولجي نه سگهيو آهي. جنهن جي زور تي سماجڪ بدلاءُ اَچي سگهي.

6/198, Street No. 1
Nai Basti, Aligarh-202001 (U.P.)

سُڏڪندي جُهرندي اَڪيلي زندگي گذاري پاڻ تہ قرباني ڪيائون پر سندن لاءِ قرباني ڪرڻ وارا هئا ڪونہ!

اهڙيون سنڌي سورميون گهڻيئي هيون جن پنهنجي اندر ۾ پيار جا داستان لڪائي ڇڏيا. اڄ بہ انهن سنڌي سورمين جون ڪٿائون لِکجن تہ اَلاَئي ڪيترا پنا پرجي ويندا.

سندر کي جڏهن مالتيءَ ناڪاري جواب ڏنو تہ سندر جو مَنُ ٽُٽي پيو. سُندر تہ پنهنجي اکِيان، ماءُ پيءُ ۽ ڀاءُ کي فسادن ۾ ڪُسجندي ڏنو هئو. پاڻ ڪيئن بچي ويو سا ڪيس بہ خبر ڪونهي. پوءِ ڀاڙي وارن سان گڏ ئي هندستان هليو آيو. سندس چاچو ڪٿي هو. سندس ناناڻن جو ڇا ٿيو ڪا خبر نہ! اُن وقت سندر مئٽرڪ جي اِمتحان جي تياري پئي ڪئي. ڪلياڻ ڪئمپ ۾ جڏهن سنڌين کي تڏن جي گهرن ۾ رهڻو پيو هو تڏهن رات جو ڏيئو ٻاري يا ميڻ بتي ٻاري سندر مئٽرڪ جا ڪتاب پڙهيا ۽ بمبئيءَ ۾ اِمتحان ڏيئي پاس ٿيو. ڪيس نوڪري تہ ملي ويئي پر نہ جهڙي. اِسپتال ۾ صبح شام ايندڙ ويندڙ مريضن جون پرچيون پيو ڦاڙيندو هو. اِئين پرچيون ڦاڙيندي ئي ڇئن پنجن سالن ۾ بي - اي پاس ڪري ورتائين. سُندر بہ هتي ئي هليو آيو. اُن وقت هتي پڙهيل جوانن جي ضرورت هئي اِنڪري سندر کي گريجوئيٽ هئڻ ڪري سرڪاري آفيس ۾ سٺي نوڪري ملي ويئي. ۽ جلدي ترقي بہ مليس. پر ڪيس اِن ئي نوڪريءَ کي چنبڙي ڪونہ وهڻو هئو. مالتيءَ جي ناڪاري جواب ٻڌڻ ڪانپوءِ سندس هتي رهڻ بہ ڏکيو ٿي پيو. پيو اَخبارون پڙهي خالي نوڪرين جي جڳهين لاءِ درخواستون ڪندو هو. آخر ڪيس ممبئيءَ جهڙي شهر ۾ نوڪري ملي ويئي. جڏهن مالتيءَ سان ڳالهہ ڪيائين تہ هوءَ جُهري پيئي. سُندر سندس هٿ پڪڙي چيو، 'مالتي تون جيترا سال چوين مان تنهنجو اِنتظار ڪندس. منهنجي دل ۾ تنهنجي لاءِ اٿاهہ پيار آهي. توکي تہ خبر آهي تہ مان هڪ يتيم ۽ بلڪل اَڪيلو اِنسان آهيان. هاڻي تون ئي منهنجي جيون جو سهارو آهين. چوين تہ اَسين سِول مئريج ڪيون.' پر مالتيءَ پنهنجين جوابدارين کان منهن موڙڻ نٿي چاهيو. هُن پنهنجي جذبات کي دٻائيندي ڪيس سمجهائيندي چيو هئو،

نئون پئي نهيو. پٽس کي خانگي آفيس ۾ نوڪري ملي ويي. هڪ وطن وڃڻ جو ڏُک ٻيو دردرجون نوڪرون، آئينده جون چنتائون. مالتيءَ جو پيءُ بيمار ٿي پيو. نوڪريءَ تي ڪڏهن وڃي سگهندو هو ڪڏهن نہ. ڪِٽ پگهارسان پيو موڪلون وٺندو هو. سنڌ مان آندل پيسا تہ پنڪڻ ۾ ئي پورا ٿي ويا. هاڻي تہ ڪڏهن ڪڏهن اَهڙي حالت ٿيندي هئي جو نہ دوائن لاءِ پيسا هوندا هئا نہ گهر خرچ لاءِ! اَهڙي ڏکئي وقت ۾ ئي مالتيءَ خانگي طور مئٽرڪ پاس ڪري ورتي ۽ ڪم چلائو نوڪري ملي ويس. پيءُ ڪٽ پڪڙي ورتي مالتيءَ گهر سنڀالي ورتو.

ٻن سالن کان پوءِ هتي پهرين سرڪاري آفيس کُلي تہ مالتي گروپ جي پهرين ڇوڪري هئي جيڪا اِنٽرويو ۾ چوندجي آئي. گهرَجون جڻ اَڌ چنتائون تہ مٽجي ويئون. ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ سڀئي مالتيءَ جي آسري هئا. اُن وقت پگهارون ڀلي گهٽ هيون پر پڪي سرڪاري نوڪري ٻہ تہ گهٽ ڳالهہ ڪونہ هئي!! پيءُ جي بيماري ڇڱو پئسو چڪي وٺندي هئي.

سندرڪيس شاديءَ لاءِ چيو. تہ مالتيءَ جو مَنُ جُهري پيو. ڪيئن شادي ڪري؟ بيمارپيءُ؛ ڀاءُ ڀيڻ پڙهندڙ. ماءُ جي تہ دِل هئي تہ سندر جهڙو سنو لائق ڇوڪرو، بنان ڏيتي ليتيءَ شادي، پر حالتون. ورهاڱي جون ڀليءَ چڙهندڙ سنڌي ڇوڪريون! خاص ڪري جڏهن پٽس اِهو چيو تہ تون جي شادي ڪري ويندينءَ تہ اَسان ڪٿان کائينداسين؟ جيستائين تنهنجو ڀاءُ نوڪريءَ تي نٿو لڳي تيستائين تہ توکي پنهنجي شاديءَ جو سوچڻ بہ نہ کپي! مالتي اَواڪ رهجي ويئي. پٽس جي طبيعت هاڻي بهتر ٿيندي پئي ويئي. چاهي ها تہ هلڪي ڦلڪي نوڪري ڪري پئي سگهيو. پر هوُ سڄو وقت سمهيو پيو هوندو هو ۽ پيو ٻيڙيون ڦوڪيندو هو. ويو ٿي ڏينهون ڏينهن سُست ٿيندو. ورهاڱي ماڻهن کي سوارٿي بہ بڻائي ڇڏيو هو يا سنڌي ڇوڪرين جي قربانيءَ جو فائدو ورتو ٿي ويو!!! اِهو ورهاڱو تہ هئو جنهن جي تڪليفن وقت سنڌي ڇوڪريون گهر ڇڏي ٻاهر نڪتيون. پڙهي ڳڙهي نوڪريون ڪري پنهنجي مائٽن کي سنڀالي ورتائون. ڀائرن ڀينرن کي پڙهائي لکائي اُنهن کي نوڪرين تي لڳائي، سندن شاديون ڪرايائون. پاڻ ڪنواريون رهجي ويئون سندن پيار قربان ٿي ويا.

ويڙهينديون. سندر ڪيس ياد ڪندو آهي؟ هُن پنهنجي پتنيءَ کي اَسان جي پيار بابت ٻڌايو هوندو؟ سُندر...... سُندر...... جهڙو سندس نالو هو اهڙو ئي سندس من! سندر تون هليو اچُ. منهنجي من ۾ اڄ به تنهنجي لاءِ اهُو ئي پيار آهي. نِتُ نئون. پُراڻو ڪونه ٿيندو.

خط پڙهڻ سان مالتيءَ جي حالت عجيب ٿي ويئي. ڪيترو عرصو گذري ويو هئو. پاڻ پيڻ پنهنجي ڪٽنب سان خوش هئا. پاڻ اَڪيلي رهندي هئي. پر خوش هئي. صحت سالم هئس. مهنو اپ ئي رٽاير ٿي هئي. پگهار سني هئس. آفيس طرفان پلاٽ مليس. هڪ سنو ننڍو بنگلو نهرائي ڇڏيائين ۽ اُن کي سني نموني سجايائين. ڪيس گل ڏاڍا وڻندا هئا. اِنڪري اڱڻ ۾ گلاب، موتئي، رجني گنڌا، چمپا چميليءَ جا ٻوٽا لڳارايائين. چوٽيءَ ۾ گل ضرور لڳائيندي هئي. رات جو به ٻه ٽي گل وهاڻي اڳيان رکي سمهندي هئي. اي. سي. ڪار ورتائين. شام جو جڏهن آفيس مان موٽندي هئي ته گهر ۾ گهڙندي ئي ڪيس ڏاڍو سُڪون ملندو هو. گهر گروءَ جو در، گهر جو نالو رکيائين 'سُکمني'.

ڪم واري مائي هئس. جيڪا سڄو ڪم ڪندي هئي. مائي به اَمان ڀائيندي هئي. مالتيءَ جا پويان ڏينهن آرام ۾ ٿي گذريا. تن ۽ ڏن جا سُک ته مليس ٿي پر مَنُ خالي .... خالي. سرڪاري نوڪريءَ ۾ محنت ۽ اوُرچائيءَ سان ڪم ڪرڻ ڪري سندس گهڻي ساک هئي. سڀاءَ جي به سُني. هرڪو سندس عزت ڪندو هو. ترقي به سني مليس. نوڪريءَ جا پويان پنج ڇهه سال ته سيڪريٽريءَ جي عهدي تي هئي. رٽاير ٿيڻ کان پوءِ جام پيسا مليس ۽ تمام سني پينشن به.

اَڪيلي مالتيءَ پنهنجي وصيعت وڪيل کان نهرائي ڇڏي هئي. ڪنهن جي نالي ڪيائين ڪنهنکي به خبر ڪونه پيئي سواءِ وڪيل ۽ ٻن شاهدن جي.

هاڻي ڀاءُ ڀاڄائيءَ اچڻ شروع ڪيو. ڪيس پاڻ سان گڏ هلي رهڻ لاءِ چيائون. مالتيءَ ٺهڪ ڏيندي چيو، 'جو ڀلا گهڻا پيسا ٿيا اٿم تڏهن پاڻ سان گڏ رهائڻ لاءِ سوچيو اٿو. ڪنواري ته ماٺ اڄ به آهيان توهان جي گڏ هلي رهڻ لاءِ مهرباني. پر مون مان ڪا به اُميد نه رکجو. نه پئسي جي نه جڳهه جي. ٻئي ڀاءُ ڀاڄائي منهن لٽڪائي هليا ويا.

’سندر منهنجي شادي ممڪن ڪٿي آهي؟ جيستائين منهنجو ڀاءُ پڙهي نوڪريءَ تي نہ لڳندو، تيستائين تہ مان شاديءَ لاءِ سوچي بہ نہ سگهندس.‘ روئندي چيائينس، ’تون مون لاءِ پنهنجي جيون خراب نہ ڪر. جلدي شادي ڪري پنهنجو گهرُ ٺاهہ. مان تنهنجي پيارڪي سيني ۾ سانڍي رکندس.‘ جڏهن هوُنئين نوڪريءَ لاءِ وڃي رهيو هو تہ سندر مالتيءَ کي ڀاڪُر ۾ ڀري پيار ڪيو هئو. ڏاڍو رُنا هئا ٻئي.

سندر مالتيءَ کي هر هفتي خط لکندو هو ۽ هر خبرڪان ڪيس واقف ڪندو هو. پرپوءِ مالتيءَ اِنهن خطن جي سلسلي کي ختم ڪري ڇڏيو. جڏهن ڪيس خطن جو جواب نہ ڏنائين تہ سندر ساڻس ڳڏجڻ هليو آيو. مالتي وائڙي ٿي ويئي هئي. پروري جڏهن ساڻين ئي مجبورين جو ڪيس احساس ڏيارِيائين تہ سندر دلشڪستو ٿي واپس هليو ويو. ڇهن مهنن کان پوءِ مالتيءَ کي پنهنجي شاديءَ جو ڪارڊ موڪليائين.

سندر مالتيءَ جي خبر لهندو رهندو هئو. سندس پتني سمجهو پڙهيل ڳڙهيل هئي اُن کي سٺي نوڪري هئي. ڪين بہ پُٽ هئا.

ڏينهن گذريا، مهنا گذريا ۽ سال گذري ويا.

مالتيءَ جا ماءُ پيءُ گذاري ويا. پنهنجي ننڍي ڀيڻ جي شادي هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ سٺي ڪٽنب جي ڇوڪري سان ڪرائي مالتي هڪ جوابداريءَ کان آجي ٿي. ڀاڻس کي بہ سٺي نوڪري هئي اُن لوَ مئريج ڪئي. مالتي وائڙي ٿي ويئي. پنهنجي پيارکي هن گهر لاءِ قربان ڪيو ۽ ڀاءُ سول مئريج ڪري الڳ رهڻ لڳو. هُن جي پتنيءَ جو پهريون شرط هو تہ هوءَ ڪنواري نراڻ سان گڏ ڪونہ رهندي ڇاڪاڻ جو اُها هُن تي سدائين روب رکندي. ڀاءُ پتنيءَ کي نہ سمجهائي سگهيو تہ جنهن پنهنجو پيار قربان ڪيو آهي اُها ڇو پنهنجي ڀاءُ جي پيار ۾ تڪليفون پيدا ڪنديءَ پر نئين زماني جي ڇوڪري اُن پيار جي جذبات کي سمجهي ئي ڪونہ سگهي. مالتيءَ جي من کي هڪ دفعو وري نيس لڳي پر سهسائي ويئي. اُن ڏينهن سندر جي ياد سندس من تي هُري آئي. سندس ذهن مان اُهي يادگيريون ئي نہ پيئون نڪرنس. من بهلائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ساهيڙيءَ سان گهمڻ هلي ويئي. پر پُراڻيون يادون سندس من کي ويئون پئي

کنيو. ’مالتي؟‘ سندر جو منو آواز. ’سندر تون اَچ.‘ مالتيءَ فون رکي ڇڏيو. مالتي تہ پئي سڏکي پر سندر جي اکين مان بہ ڪجهہ وقت لاءِ ڳوڙها بند ٿي نہ ٿين.

صبح جو سوير هڪ ٿي فلائيٽ ايندي ۽ وري واپس ويندي هئي. اِطلاع نہ هوندي بہ مالتي ڪارڪٽي ايئرپورٽ تي پهچي ويئي. هوائي جهاز ڇا ٿي زمين تي لٿو مالتيءَ جو من ٿي مٿي اُڏاميو! پريان ٿي سندر کي سڃاڻي ويئي. ڇا ڪري؟ ڊوڙ پائي وڃي کيس چنبڙي؟ ۽ بئي هڪ بئي جي ڀاڪُر ۾ هئا. اُن ٿي ڏينهن منجهند تائين سول مئريج ڪري آيا. شام جو هوٽل ۾ هڪ ننڍي پارٽي. مالتيءَ جو سڄو آفيس جو عملو. سندر جا ڪي پُراڻا دوست. شهر جا ڪُجهہ سُڃاڻل.

بهار جي مُند، گُل ٿي گُل ٽڙيل. واسجي ويو هو اڱڻ گلن جي سڳنڌ سان. وڻن ٽڻن جو ڇُهڇ سائو رنگ. صبح جي ٿڌي هير لڳي تہ وڻن جي پنن تاڙيون وڄايون. پکين لنوي سُر ملايو. گلاب جي گُل وانگر ٿي ٽڙي ۽ مهڪي مالتي. بئي بيحد خوش هئا.

باقي زندگيءَ جا ڏينهن ڪٿي رهندا؟ پوءِ سوچيندا؟ حال تہ صبح واري فلائيٽ ۾ وڃي ممبئيءَ، سندر جي گهر جو سينگاريل دروازو کولياڻون!!!

THX - 23,
Adipur-Kutch 370205

خط مالتيءَ جي من کي منجهائي بہ ڇڏيو هو. سندر رٽاير ٿي چڪو هو. سندس ٻئي پٽ ولائت هليا ويا هئا. سال کن اڳ سندس پتنيءَ جو ديهانت ٿي ويو هئو. سندر کيس لکيو تہ، ’مالتي، مونکي هيءُ خط توکي لکندي جريت ڪونہ پئي ٿي پر مون پنهنجي نت نئين پيار کي صحيح ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو. مالتي منهنجي دلي چاهنا آهي تہ زندگيءَ جا پويان ڏينهن مان توسان گذاريان.‘

کيس اِهو پڻ لکيائين، ’مالتي تون اِهو نہ سوچج تہ وڏي عمر هئڻ جي ڪري مونکي تنهنجي شيوا جي ضرورت آهي. بلڪل نہ. مونکي پئسي جي ڪا ڪوت ڪونهي پنهنجو بنگلو اٿم ڪار آهي، ڪم ڪار لاءِ نوڪر سنو بئنڪ بئلنس. تمام سني پينشن ٿي مليم. ٻئي پٽ سُکيا آهن سندن ٻار بہ مونکي پيا ٿيندا آهن. مان چاهيان تہ پٽن وٽ وڃي رهي سگهان ٿو. گرين ڪارڊ بہ اٿم. پر مالتي مان توکي بلڪل وساري ڪونہ سگهيو آهيان. مالتي وشواس اٿم تہ تو بہ مونکي وساريو ڪونہ هوندو!‘

ڪجھہ وقت اڳ مون پنهنجن ٻارن کي ٻڌايو هو. هنن چيو هو تہ ’ڊئڊي، اَسانکي توهانجي اَڪيلائپ جو اَحساس آهي ۽ هن عمر ۾ بہ شادي ڪندا تہ اَسانکي نہ صرف گهڻي خوشي ٿيندي پر پرديس ۾ اَسانکي اون بہ ڪونہ رهندي تہ اَسانجو ڊئڊي ڪو اَڪيلو آهي. توهانکي مميءَ لاءِ بيحد قرب هو. توهان ڪڏهن بہ پنهنجي ڪٽنب کي ڪا تڪليف ڏيڻ نہ چاهي. پرهاڻي جي توهين پنهنجي پُراڻي پيار کي نئين زندگي ڏيڻ ٿا چاهيو تہ ڊئڊي اَسانکي تہ پاڻ توهان تي فخر ٿو ٿئي تہ توهانکي اَڄ بہ اُن اِنسان لاءِ وفاداريءَ جو احساس ٿو ٿئي.‘

مالتي خط پڙهندي ٿي ويئي ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي ٿي ويئي. سندس دماغ ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا سوال ٿي پيدا ٿيا جن جا جواب بہ پاڻ ٿي سوچيائين. هن کي سندر تي پورو وشواس هئو. خط ۾ فون نمبر اي. ميل اَئڊريس، موبائيل نمبر وغيره ڏنل هئا. هن شام تائين پنهنجي من کي جاچيو، ڦوليو، پاڻ کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ فون نمبر لڳايائين. يڪدم سندر فون

مُنهن ڪجهه وڌيڪ ڪارسو ۽ وري منهن تي وڏي ماتا وارا نشان به چٽا. پنهنجي پتيءَ جي پيٽ ۾ هوءَ ڪجهه ويچاري لڳندي آهي. پربئي ساڻ - ساڻ ساڳيو ڪم ڪرڻ ۾ ائين مشغول جڻ هو ٻئي هن ڪم جا ماهر هجن ۽ ڪالونيءَ جي ٻنهي پاسي نهيل بنگلن جي قطارا ڳيان بينل ڪارين ۽ هلندڙ ماڻهن جو وجود هنن لاءِ ڪا به رنڊڪ پيدا نه ڪري رهيو هو. البت ايندڙ - ويندڙ ڪارين اِسڪوٽرن لاءِ هو وڏي ڊيرج ۽ نمرتا سان سُري جاءِ ڏيندا آهن ۽ ترسي بيهندا آهن. جڻ اِهو به هنن جي فرض جو اهم حصو آهي. پر ان وقت به هنن جي نظر ڪجهه هيٺ پري ۽ چَپَ ساڳئي نموني بند. ڪُجهه به ڪُڇڻ جي هنن کي ضرورت محسوس ئي ڪانه ٿيندي هئي.

هنن جي نظر پنهنجي دائري ۾ رهندي آهي. بيني - بيني يا تمام آهستي هلندي ٻئي چٽا هڪ ٻئي کي سات ڏيندا - ڏيندا، هڪ - هڪ پاسو يا ڪُنڊ صفا ڪندا ويندا. تڪڙ بلڪل نه ڪندا. جڻ ڪالونيءَ ۾ وڏو فنڪشن ٿيڻ وارو هجي ۽ خاص طور هدايت ڏيئي ۽ پڻ ڪا لالچ ڏيئي هنن کي اهو ڪم سونپيو ويو هجي. هنن لاءِ اهو ڪم ائين ته عام رواجي ۽ روز جو سڌو - سادو تن ۽ من کي هر طرح ٿڪائيندڙ ۽ مِٽي - ڌوڙ ۽ اُڏامندڙ دز سبب اڻ - وڻندڙ هئڻ گهرجي - پر اُن جي اُبتڙ هو جڻ اهو ڪم ڏاڍي چاهه سان ڪندا نظر ايندا هئا ۽ وڏي ڳالهه ته هو پاڻ ايترا ميرا ۽ گدلا ته ڪڏهن نظر نه ايندا هئا پر جيڪو سو ٿورا اَڇا - اُجلا ۽ صاف سُٿرا نظر ايندا هئا. مرد کي سادو رنگين پينٽ ۽ شرٽ پاتل هوندو آهي ۽ عورت کي سادي رنگين ساڙهي. مرد کي پيرن ۾ جوراب ۽ سستو ڪئنواس جو اَڇو بوٽ پاتل هوندو آهي ۽ عورت کي ٿوري چڱي چمپل.

ڪالونيءَ جي گهٽيءَ جي رستن کان سواءِ هو بنگلي ۾ پيل ڪچري جي پلاسٽڪ جي وڏي ڏَسٽ - بن مان ڪاري وڏي ٻنِي ڪڍي پنهنجي ڪچري جي گاڏيءَ ۾ وجهي ٻاڏو هلائي ڪٽي وڃڻ جو ڪم به هو ڪندا ويندا هئا. اهو هنن جو روزگار جو سامان هو. هڪ بن ڦيٽن ۽ هڪ ڏنڊي ۽ هئنڊل وارو ڪچري ڪٽي وڃڻ جو گاڏو ۽ ٻنهي جا الڳ - الڳ به وڏا ٻهارا - جئن هو هيٺ نِوڙي



ڪهاڻي / نامديو تاراچنداڻي

صفائيءَ وارو انڪل

صفائيءَ وارو انڪل.

صفائيءَ واري آنٽي.

هنن جو اهو پريچيه اسان جي ننڍڙي ڇئن سالن جي ببلوءَ ٺاهيو آهي. هو ٻئي اسان جي بنگلي جي آس - پاس جي پڪي رستي تي اڪثر روز صفائي ڪندا نظر ايندا آهن. هڪ جوان مرد آهي انڪل ٽيهه - پنجٽيهه سالن جو. سنهو پر مضبوط شرير. گهڻو ڊگهو نه پر ٿورو ڊگهو لڳندڙ قد - بت. چهرو ٿورو ٺاهوڪو پر رنگ کُليل نه چئي سگهجي. نه ئي وري گهڻو ڪارسرو. شڪل ۾ ائين نيڪ ناڪ - پر ڪا ڪشش ڪندڙ ڳالهه هئي ته هن جي معصوميت. سڀاجهائي. ڇُپ - ايتري قدر جو مشڪل جو ڪڏهن ڪنهن سان ڳالهائيندو ڏسجي ڳڏ - ڳڏ صفائيءَ جو ڪم ڪندڙ پنهنجي پتنيءَ سان به نه. نظر بلڪل هيٺ - پاسي ۾ لنگهندڙ طرف به نظر وراڻڻ هن کي ضروري ڪونه لڳندو هوندو. نه ئي وري سندس پتنيءَ طرف.

هن جي زال به هن ساڻ ئي ساڳيو ڪم ڪندي نظر ايندي آهي. وڏي لنبي بانس جي لٺ ۾ هيٺان ٻڌل ٿُلهين تيلين جي ٻهاريءَ سان صفائي ڪرڻ جي ڪم ۾ ٻئي ائين محو ٿي ويندا جو هنن کي اڳيان پٺيان نهارڻ جو نه وقت ملندو هوءَ نه ئي ڪا ضرورت محسوس ڪندا هوندا.

هن جي زال به هن جيان ساڳئي نموني جي لنبي بانس جي، لٺ هيٺان ٻڌل ٿلهين تيلين جي ٻُهاريءَ سان - ساڳئي نموني ڪالونيءَ جي وچ ۾ پڪي رستي تي صفائيءَ ۾ مشغول. هوءَ به ايتري ئي لنبي پر پنهنجي پتيءَ ڪان بدن ۾ پريل.

اَسان وٽ صفائيءَ وارا اَنڪل ۽ آنٽي اَجا بہ گھڻو پٺتي پيل آهن - اُجي - اُجري سماج پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ هنن کي دَلت يا پٺتي رهيل جاتيءَ ۾ رهڻ لاءِ مانسڪ واڙا ٻَڌي ڇڏيا آهن ۽ اُهي اَجا پيا هلن- وڻ - ويوستا جو ماڊرنائيزيشن ٿيڻ کان اسين ڊِڄون ٿا.

اَسان وارو صفائيءَ وارو اَنڪل هميشہ ڪلين - شيو رهندو آهي- اِهو شايد ئي ڪڏهن ڪنهن نوٽ ڪيو هجي- نہ ئي ڪڏهن ميرو - گدلو نظر ايندو- ممڪن آهي - هنن جو چُپ رهڻ هنن جي اَهڙي روزگار جي اَحساس - ڪمتريءَ جو نتيجو هجي- پر هنن جو سڀيہ وهنوار هنن جي پنهنجي نجي خاصيت نظر ايندي آهي- شايد اهو ئي سبب آهي جو ڪالونيءَ ۾ ڪڏهن ڪو بہ هنن طرف حقارت جي نظر سان ڪونہ ڏسندو آهي ۽ نہ ئي جهڙپ ڏيئي يا ڏاڍيان حڪم جي انداز ۾ ڳالهائيندو آهي-

هنن جي هڪ قسم جي شخصيت جي اَثر هيٺ هنن کي ڪو بہ جوڻو راتوڪو بچيل کاڌو ڪونہ آڇيندو آهي- شايد هو پنهنجو روزگار ڪمائيندڙ عزتدار لوڪ لڳندا آهن اِن ڪري هنن کي ڪيترن گهرن مان پيئڻ لاءِ پاڻي ضرور آڇيندا آهن-


صفائيءَ وارو اَنڪل يا آنٽي هيڏي وڏي ڪالونيءَ ۾ روز- ٻئي پاسي ڪم ڪندا آهن اِن ڪري هو ڪڏهن ڪٿي - ڪڏهن ڪٿي نظر ايندا آهن- هو پنهنجو ڪچري جو ڳاڏو ڪٿي پوءِ ڪيڏانهن ويندا آهن يا هنن جو گهر ڪٿي آهي يا ڪهڙو آهي - اهو سڀ ڄاڻڻ جي اُتسڪتا ٿيندي آهي پر هنن طرف اسان جي صدين جي لاپرواهي اسان کي بہ روڪي رکندي آهي شايد- پر جڏهن کان اسان جي ڇئن سالن جو ببلو هن کي صفائيءَ وارو انڪل چوڻ لڳو اَسان جي پنهنجي درشٽي هنن طرف بدلجڻ لڳي ۽ اَسان پاڻ بہ هنن کي همدرديءَ يا حقارت بجاءِ پنهنجائپ جي ڀاونا سان ڏسڻ لڳاسين-

اَسان هڪ ڏينهن گهر ۾ پنهنجي ببلوءَ جي غير حاضريءَ ۾ صفائيءَ واري اَنڪل بابت سوچڻ وِيناسين- اَسان کي لڳو تہ هنن کي پنهنجي ڪم ۾ هڪ قسم جو سنتوش آهي- هنن جي چهري تي گيتا جي اَن-آسڪتيءَ جو ڀاوُ نظر ايندو

صفائي ڪرڻ بجاءِ هلندي يا بيني - بيني صفائي ڪري سگهن. اَڃا هنن کي ميٽرو سِٽيءَ جيان اُس ۾ پائڻ جي ٽوپي يا ڪارا چشما يا وڪاس ٽيل ديشن جي اُسرپل فضا جيان منهن تي ماسڪ پائڻ جي ترقي ڪرڻ باقي هئي. پرڪين اَهڙي ڪا سُڌ يا درڪار نہ هوندي - نہ تہ اها سڀ ڪا وڏي ڳالهہ نہ هئي.

اَسان جو ڇٺن سالن جو ببلو هن مرد کي صفائيءَ وارو انڪل ۽ هن جي پتنيءَ کي صفائيءَ واري آنٽي چوندو آهي. سياري جي سيءَ کان لڪي اسان ڪمري ۾ در ڏيئي اندر هُجون ۽ هو ڪڏهن ڪچري جي دٻي مان ٽيلهي بدلائڻ اَچن تہ ببلو چوندو - شايد صفائيءَ وارو انڪل هوندو. اَسان کي هن جو اُئين پاڻ مُرادو صفائيءَ وارو انڪل چوڻ وڻندو آهي. جڏهن بار اَڪثر ڊاڪٽر اَنڪل - فروٽ وارو انڪل يا ڪورِيئر انڪل چوندا آهن - ۽ ائين ئي ڪڏهن پوُٽ جي کهاٽي ٻڌندي چوندا آهن - پوءِ پوُٽ اَنڪل جو ڇا ٿيو! تڏهن هو هن کي صفائيءَ وارو انڪل چوندو آهي. اهو اسان کي ڪڏهن بہ اَڻ - وڻندڙ نہ لڳندو آهي. ڇو جو هو ٻئي ڇڱا - صاف سُٿرا ۽ ڪافي سڀيہ وهنوار ڪندڙ پنهنجو ڪم ڏاڍي ڌيرج ۽ ايمانداريءَ سان ۽ اهو بہ بنا ڪنهن بہ قسم جي لالچ جي ۽ ڪنهن بہ واڌو شاباس جي درڪار کان سواءِ ڪندا آهن. ٻنهي جو وهنوار ڏاڍو مانيٽو ۽ شانت هوندو آهي. اَهڙي هلڪي لڳندڙ ڪم ڪرڻ وارن کي سماج ۾ ڌِڪار ۽ ڌُتڪارسان ڏسڻ بجاءِ اَحسان جي نظرسان ڏسڻ گهرجي - اُهو پائيچاري جو وهنوار هنن بہ لهڻو - جيڪو بيا وائيت - ڪالر ڪم ڪندڙ هڪ ٻئي سان ڪندا آهيون. گهٽ ۾ گهٽ هنن ٻن صفائيءَ وارن کي ڏسي اَسان کي تہ ائين ئي ٽيندو آهي تہ پنهنجي - پنهنجي روزگار کي اِيتري ئي اَهميت آهي - چاهي اهو روزگار گند ڪچرو کڻڻ جو بہ ڇو نہ هجي. هنن جو تہ سماج تي اَحسان آهي. اهو ڪم جي هو نہ ڪن تہ اَسان مان ئي ڪن کي ڪرڻو پوي. ڪنهن خاص جاتي - برادريءَ جي لاءِ اَهڙا ڪم ڪرڻ جي ذميواري مَنوُ سُمرتيءَ ۾ يا گيتا ۾ پيل چيل هجي، بين ديشن ۾ اَهڙن ڪمن کي گهٽ نظرسان ڏسڻ جو رواج گهڻجي چُڪو آهي. هاڻ تہ اَهڙن ڪمن جون وڏيون انٽرنئشنل ايجنسيون بہ آهن.

گرديو ٽئگور جي جنم جا ڏيڍ سو ورهيه



رَبندرناٿ ٽئگور

Rabindra Nath Tagore

B : 07-05-1861 D : 07-08-1941

آهي. نروڪار پاونا واري هنن جي معصوميت سان هنن جو چهرو ائين نظر ايندو آهي - ڄڻ چوندا هجن - اسان ڀلا - اسان جو ڪم ڀلو.

پر هڪ ڏينهن اسان ڪجھه ٻيو به ڏٺو.

آرتوار جو ڏينهن هو. موڪل سبب اسان سڀ گهر جي اڳيان ننڍڙي باغيچي ۾ پينگهي تي ۽ ڪرسين تي اخبار پڙهي يا ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ته اوچتو ببلوءَ جو آواز ٻڌي اَسان جو ڌيان هن طرف ڇڪجي ويو.

پاپا - پاپا وو ديکو ...... صفائي والي اَنڪل اؤر آنٽي ڪي ساٿ ٻئيا ٻي جا رها هئه!

اَڄ هنن جو گاڏو هنن جو ڌهن - ٻارهن سالن جو پُٽُ هلائي رهيو هو. اها ئي معصوميت. اها ئي مانيٽي نظر. اهو ئي آتم - سنتوش. اَسان ببلوءَ جي ڳالهه تي ٿورو مشڪياسين. پر منهنجي اندر ۾ هڪ سُڏڪو نڪري آيو. ماءُ پيءُ ڪان به وڌيڪ اَڇو - اُجرو ۽ صاف سُٿرا ڪپڙا پاتل وٽندڙ ٻار.

منهنجي دل چيو -

هنن کي سُپنن ڏسڻ جو حق آهي. پر هنن کي شايد اُها خبر نه آهي. هن ننڍڙي ٻارڪان اهو حق کسڻ جو ڪنهن کي به حقُ نه آهي. هن جي پيءُ صفائيءَ واري انڪل کي به نه! مون کي لڳو - مهاتما گانڌي ۽ آمبيڊڪر جي مليل روپ جو ڪو ڊڪٽيٽر پيدا ٿيڻ گهرجي.

اَسين ڏسندا رهياسين.

هو ٽيئي تمام آهستي ڌيرج سان وڃي رهيا آهن.

اَڳيان صفائيءَ واري آنٽي.

پٺيان هنن جو ٻبلو - گاڏو هلائيندي.

هن جي پٺيان صفائيءَ وارو انڪل.

شايد هنن ٽنهي جون اکيون ٻوٽيل هيون.

50, Narayan Gardens,
Off Gotri Road,
Opp. Yash Complex,
Vadodara-390021

وهي نہ ماڻي! اونداهي پاتال ۾ ڪنهن وٽ اڪيلي ويهي ماڻڪن ۽ موتين جا ٻڪ ڀري ٻاراٽيون رانديون ڪيون هيئہ؟ جڙڪندڙ موتين جي روشنيءَ سان ڀڪندڙيون ۾ ساگرجون لوليون ٻڌندي اي معصوم مرڪ واري! تون اُتي بلوري پلنگ تي ڪنهن جي هنج ۾ سمهي هئينءَ؟ تو تہ هن سنسار ۾ جڏهن اکيون کوليون تڏهن تون قوه جوڀن ۾ هئينءَ، ننهن - چوٽيءَ ساماڻل!

۴. اي انوپ حسن واري اُروشي! تون هر جڳ ۾ وشو جي مومل ٿي رهي آهين. رشين منين ڏيان ڀنگ ڪري پنهنجي تپسيائن جو ڦل تنهنجي چرنن ۾ ڌريو آهي، تنهنجي گهورن سان گهائجي ٽنهي لوڪن ۾ جواني لچِي ڦٽڪي رهي آهي. تنهنجي مدرا جهڙي خوشبوءِ جي نشي ۾ مست بڻيل هوا چوڌاري وهي رهي آهي. مڌ پيتل مست ڀونئر جيان متوالو شاعر مگڌ بڻجي اوچي سرڳائيندو پيو ڦري، ۽ تون اي وياڪل آنچل واري اُروشي! ڪنوڻ جيان چنچل پنهنجي چير چمڪائيندي ٿي وڃين.

۵. سرير ۾ ولولو پيدا ڪندڙ اي اُروشي، تون جڏهن خوشيءَ ۾ ڀرجي اِندر سڀا ۾ نرت ٿي ڪرين، تڏهن تنهنجي هرتال تي ساگرجون موجون بہ نچڻ ٿيون لڳن، تڏهن کيتن ۾ پرٿويءَ جو پلاند ٿڙڪي ٿو اُٿي، تنهنجي اُره واري مالها مان تارا ڇڄي سڄي آسمان ۾ ٿهلجي ٿا وڃن. پرش اوچتو پنهنجي سڌ ٻڌ گنوائي ٿا وهن ۽ هننجي نس نس ۾ خون جي ڌارا نچڻ ٿي لڳي. اي ڇيڳڙي اُروشي! اوچتو دور اُفق تي تنهنجي ڇيلهڪي ٽٽي ٿي پوي.

مول بنگالي ڪوتا / گرديو ٽئگور


سنڌي انواد : نارايڻ شيام

اُروشي

١. نندن بن جي رهواسڻ اي سندري، روپوتي اُروشي! تون نہ ماتا آهين، نہ ڪنيا آهين ۽ نہ ڪنوار. ٽڪل ديهہ تي سونو آنچل اوڍي سنجها جڏهن چراگاهن ۾ لهي ٿي، تڏهن اُروشي! تون گهر جي ڪنڊ ۾ سنجها جو ديپ ڪانہ ٿي جلائين. نہ سنڪوچ جڪڙيل قدمن ۽ دهہ دهہ ڪندڙ سيني سان، جهڪيل پلڪن سان، هلڪو هلڪو مشڪندي، اڌ رات جي سناٽي ۾ شرمائبي، پريتم جي سيجا ڏانهن ٿي وڃين. تنهنجو گهونگهٽ هميشہ اُڀرندڙ اُشا جيان ڪليل آهي. تون آهين منهن اگهاڙي، بي حجاب.

٢. بي شاخ ڦُول جيان پنهنجو پاڻ مان وڪاسيل اي اُروشي! تون ڪڏهن ٿڙينءَ! اوائلي بسنت جي پربات ويلا ۾ تون ولوڙيل ساگر مان نڪتي هئينءَ، ساڄي هٿ ۾ امرت جو پاترءِ ڏائي هٿ ۾ وهہ جو ٿانءُ کڻي. مست موجن وارو مها سنڌو منڊ منڊيل وسيهر وانگر پنهنجون لکين جهومندڙ ڦڻيون هيٺ نوائي تنهنجي شري چرنن ۾ پيو هو. سفيد ڪمل جهڙي تنهنجي ننگي سونهن جو سر- پتي اِندر کي بہ چاهہ رهي ٿو. تون ڪنهن جي بہ نندا ڪان مٽي آهين.

٣. هي اننت جوين واري اُروشي! تو ڪنهن بہ سمي مڪڙيءَ جيان ٻارائي



ليک / لکمي ڪلاڻي

ٽئگور جو سنڌي ساهت تي اَثر

اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ ويهين صديءَ جي اڳياڙيءَ ۾ بنگال جو سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ سانسڪرتڪ جيون تي گهرو ۽ دائمي اثر پيو. سچي پارت لاءِ چئجي ڪٿي تہ اهو نئين سڄاڳيءَ جو دؤر هو، جنهن جا باني هئا راجا رام موهن راءِ، ايشورچندر وديا ساگر، ڪيشب چندر سين، سوامي وويڪانند ۽ ربيندرناٿ ٽئگور. بنگال ۾ اُڀريل اها روشني سنڌ ۾ ڪٿي اَچڻ وارن ۾ اڳرا رهيا راڄ رشي ڏيارام گدومل، ساڌو هيرانند، ساڌو نولراءِ، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ ڪشچند بيوس.

بنگالي ساهت جو سنڌي ساهت تي وڏو اثر تڏهن پيو جڏهن ويهين صديءَ جي شروعات ۾ بنڪم چندر چٽرجي، شرت چندر چٽرجي ۽ رابندرناٿ ٽئگور جا ناول، ڪهاڻيون، ڪوتائون، ناٽڪ ۽ مضمون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپجڻ لڳا ۽ اُهي عام سنڌي پاٺڪن ۾ بيحد مقبول ٿيا.

۱۹۱۲ ۾ ٽئگور کي 'گيتانجلي' تي نوبيل پُرسڪار مليو ۽ سندس ناماچار ڪستوريءَ جي خوشبوءِ جيان راتو رات چوڏاري هندين ماڳهين ڦهلجي ويو.

'گيتانجليءَ' جو سنڌيءَ ۾ پهريون ترجمو دليپسنگهه ماڪاڻي جو ۱۹۲۷ ۾ شايع ٿيو. اُن بعد منگهارام ملڪاڻي جو نظم ۾ گيتانجليءَ جو ترجمو ۱۹۴۲ ۾ رتن ساهتيہ منڊل ڪراچيءَ طرفان ڇپجي ظاهر ٿيو. ملڪاڻيءَ ٽئگور جي 'گارڊنر' جو بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو 'پريت جا گيت' عنوان سان آزاد نظم ۾ ڪيو جيڪو رتن ساهتيہ منڊل ڪراچيءَ وارن ۱۹۴۰ ۾ ڇپايو. ٽئگور جي هن ئي ڪوتا سنگرهہ جو ترجمو لعلچند اَمرڏني مل بہ نثري نظم ۾ 'سدا گلاب' عنوان هيٺ حيدرآباد

٦. هي وشو موهني اُروشي! تون سورڳ جي پره ڦٽيءَ جي مورتي آهين. تنهنجي جسم جي نازڪي جڳ جي لڙڪ - ڌارا ۾ ڌوتل آهي. تنهنجي پيرن جي لالي تنهي لوڪن جي هرديه جي رت سان رڱيل آهي. ڇڙيل وارن واري، وستر- رهت اُروشي! وشو واسنائن جي ٽڙيل ڪنول تي تو پنهنجا چرن تمام هلڪا ڌريا آهن. هي منهنجي سپنن جي ساٿڻ، تو سڄي دنيا جي مانوي سورڳ کي پنهنجن اننت رنگن سان پري ڇڏيو آهي.

٧. او نئن ٻوڙي اُروشي! هو ٻڌ، يومي ۽ آڪاس ۾ هر طرف تو لاءِ ٻاڏائي رهيا آهن. پراچين آدي جڳ ڇا وري هن سنسار ۾ موٽندو؟ ڇا تون وري پنل وارن سان عميق جي گهراين مان اُٿي ٻاهر ايندينءَ؟ پهرين پرڀات ۾ جيڪو جسم ڏٺو هو، ڇا اهو وري ساڳي طرح ڏسبو؟ جڏهن سمپورن ڪائنات جي گهورن سان گهائجي تنهنجو انگ انگ هنجون هاريندو، تڏهن ساگر اوچتو اڀ اڻ ڳاتل هڪ راڳ جي اپورو ڌن تي لهرائڻ لڳندو.

٨. اي اُفق واسني اُروشي! اها اُڄ واري راشي غروب ٿي چڪي آهي، اها وري واپس نه ايندي. اِنڪري اڄ پرٿويءَ تي بسنت جي خوشيءَ ۾ ڪنهن ايامن ڪان وڇڙيل جي لنبي آهه به سمائجي ويئي آهي. پونم رات ۾ جڏهن ڏهه ئي ڏسيون مرڪڻ لڳنديون آهن تڏهن نه معلوم ڪٿان پرانهيون سارونيون وياڪل ڪندڙ بنسري وڄائڻ شروع ڪري ڇڏيون ڇڏين. لڙڪن جون ڌارائون ڇلي ٿيون پون. اِن هوندي به اي ٻنڌن - آجي اُروشي! پراڻن جي روڌن ۾ هڪ آس جاڳندي ٿي رهي.

سنڌيءَ جي مشهور اديب، 'نئين دنيا' جي سمپادڪ اي. جي. اُتم پنهنجي هڪ ليک 'ٽئگور ۽ سنڌي ساهت' ۾ لکيو آهي ته 'گرديو جي گيتن کان اُتساهت ٿي اَسانجي نثر نويس پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، سرگواسي لعلچند اَمرڏني مل، ڪلا پرڪاش ۽ ڦتن پرسواڻيءَ ادب لطيف لکڻ شروع ڪيا آهن. انهن گيتن جو اثر جن شاعرن تي ٿيو آهي سي آهن - بيوس، دلگير، رام پنجواڻي، شيام، اياز، سگن آهوجا، موتي پرڪاش ۽ گوورڌن ڀارتي. ليڪن سڀ کان وڌيڪ جنهن شاعر تي اثر ٿيو، سو هو سرگواسي نرمل جيوتاڻي، جيڪو جوانيءَ ۾ ئي ٢٢ ورهين جي عمر ۾ سنه ١٩٤٤ ع ۾ گذاري ويو. هيءُ ئي سچي معنيٰ ۾ گرديو جو پيروڪار هو، جيئن سندس ڇپيل شعرن جي مجموعن 'ٽي ساٿي'، 'سرڳ ڏانهن'، 'امرت لات'، 'نرمل لات' ۽ 'زندگي' مان صاف ڏسڻ ۾ ايندو.

مونکي ياد آهي ته جڏهن هو اسان سان گڏ ١٩٤٢ ع واري هلچل ۾ جيل ۾ هو تڏهن روز صبوح جو سويل اُٿي ٽئگور جي گيتانجلي ۽ ٻين ڪتابن جو چڻ پاٺ ڪندو هجي. هنجي ئي ڪوشش سان حيدرآباد ڊي. جي. نئشنل ڪاليج ۾ 'ٽئگور ڪلا ڀاري' ٺهي.

اُتم پنهنجي هن ليک ۾ گيتانجليءَ جي هڪ گيت 'پوڄا پاٺ ڪر ترڪ' کي ڪلاسڪ سڏيو آهي ۽ اسان کي ٻڌايو آهي سنڌيءَ جي ٽن برک اديبن - پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، شيخ اياز ۽ سگن آهوجا هن جو نظم ۾ ترجمو پيش ڪيو آهي. هن صاحب جي چواڻي 'نثر ۾ ته اَلجي ڪيترن ترجمو ڪيو آهي.'

ٽئگور جو بينگاليءَ مان انگريزيءَ ۾ پاڻ ترجمو ڪيل اُهو گيت آهي:

Leave this chanting and singing and telling of beads!
Whom dost thou worship in this lonely dark corner
of a temple with doors all shut?

....

(١) ملڪاڻيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو:

پوڄا پاٺ، ڀڄن آراڌنا، سمرن کي ڪر ترڪ صفا
مندر جي ڪوني ۾، پوري در، ڪنهنجي پيو ڪرين پوڄا

۾ بلوتسڪي پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هن سنگره ۾ لالچند امرڏني مل ٽئگور جي طرز تي رچيل پنهنجا به ڪيترائي شعر شامل ڪيا. ٽئگور جي ٻال گيتن جي سنگرهه 'Crescent Moon' جو ترجمو ارجن ايسرائيءَ ڪيو جيڪو 'ٻال چندرما' عنوان سان ۱۹۴۰ ۾ رتن ساهتيه منڊل ڪراچيءَ وارن ڇپايو هو.

ٽئگور جي هڪ ٻيءَ ڪوتا سنگره 'Fruit Gathering' جو ترجمو هريرام ڏيارام ماڙيوالا 'ڦل چونڊ' عنوان سان ڪيو جيڪو هت هندستان ساهت مالا بمبئيءَ وارن ۱۹۵٦ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. پنهنجي مهاڳ ۾ ترجمان لکيئو ته مون هيءُ ترجمو ۱۹۴۴ ۾ ڪراچي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ ڪيو هو، جڏهن مان 'ڀارت ڇوڙو' آندولن دوران اتي نظر بند هيس، مون جيل ۾ ئي ٽئگور جون ٻيون به رچنائون 'پوسٽ آفيس'، 'چترا' 'Stray Birds'، Lover's gift & Crossing ترجمو ڪيون هيون. انهن مان رڳو ٻه ناٽڪ 'پوسٽ آفيس' ۽ 'چترا' ئي ڇاپي ۾ ظاهر ٿيا.

هت ڀارت ۾ 'گيتانجلي' جو گوبندرام سلامتراءِ رائسنگهاڻيءَ جو ڪيل ترجمو سنڌي ٽائيمس الهاسنگر ۱۹۷٦ ۾ ڇپايو هو. ڦتن پرسواڻيءَ به ٽئگور جي چونڊ ڪوتائن جو سنگرهه 'گيت گنگا'، پريات پبليڪيشن الهاسنگر طرفان ۱۹۹۵ ۾ شايع ڪرايو.

ٽئگور جي مشهور ڪوتا 'اروشي' جو ترجمو نثر ۾ نارايڻ شيام ۽ نظم ۾ واسديو نرمل ڪيو آهي ۽ 'شاهجهان' ڪوتا جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرشن کرپالاڻيءَ. هن صاحب کي ٽئگور جي صحبت ۾ شانتينڪيتن ۾ وڏو عرصو گهارڻ جو سڀاڳيه پراپت ٿيو. گرديو جي ڏوهٽي نندتا سان سندس شادي ٿي. هن گانڌيءَ سان گڏ ٽئگور جي به جيوني لکي آهي ۽ ٽئگور جا ڪيترا ناول به انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن. جواهرلعل نهرو جڏهن 'ساهتيه اڪادميءَ' جو پهريون پريزيڊنٽ بڻيو، تڏهن سيڪريٽري جو عهدو ۱۹۵۴ اکان ۱۹۷۱ تائين ڪرشن کرپالاڻيءَ سنڀاليو هو. ڀارت سرڪار کيس ميمبر آف پارليامينٽ ٿاڦڻ سان گڏ پدم ڀوشڻ جي خطاب سان به نوازيو هو.

(۱) نرمل جيوتاڻيءَ جو ترجمو:

جتي نہ حقيقت جو آهي قدر
جتي اوچ گردن ۽ دل ۾ فخر

....

(۲) ملڪاڻيءَ جو ترجمو:

جت نہ ڪوئي خوف تن ۾ ڳاٽ اوچو آهہ جت
علم جي آزادي آهي، ڪا بہ اَرچڻ ناهہ جت

....

ڪشنچند بيوس کي نئين، دؤر جي سنڌي شاعريءَ جو باني سڏيو ٿو وڃي. بيوس جي شاعريءَ سان سنڌي. شاعريءَ جي موضوعن خواہ گهاڙيٽن ۾ بدلاءُ اچي ويو. گل بلبل، شمع پروانا واري شاعري، غريبن جي جهوپڙي، هارين نارين، پورهيتن جي ڌرتيءَ تي هيٺ لهي آئي. عربي فارسي علم عروض جي دقيقي چارمان پاڻ آجو ڪري، اُن نظمن، گيتن، بيتن، واين واري سڏي سنواڻي وات اختيار ڪئي. بيوس جي شعر ۾ آنند ل ٻولي، سپڪ، سلوني، سليس، رواني واري هئي. بيوس جو اثر سندس ئي شهر لاڙڪاڻي جي ٻين شاعرن پريو وفا، هوندراج دکايل، رام پنجواڻي، اَرجن شاد، گوبند ڀاٽيہ، ٻنديو گاجرا ۽ ٻين تي بہ پيو.

منهنجي سامهون بيوس شتابدي گرنٿ ’سڏ پڙاڏو سڀيو‘ مؤجود آهي جنهن ۾ شامل ’شعر بيوس‘ جي مهڙ ۾ سنڌيءَ جو پرسڌ ليک فتحچند واسواڻي، بيوس جي مختصر جيون بابت ڄاڻ ڏيندي اسان کي ٻڌائيٿو ’رابيندر ناٿ ٽئگور جي. شعر ڪشنچند بيوس تي ڪافي اثر ڪيو. سندس چوڻ هو تہ ٻيا شاعر جيوت کي دکدرسي نظر سان ٿا ڏسن، جنهن ڪري ويراڳ ۽ تياڳ جون صلاحون ٿا ڏين پر ٽئگورئي آهي جو هر نظاري، جيوت جي هر پهلوءَ کي سکدرسي نظر سان ڏسي آنند پريو ماڻڻ جو مارگ ٿو ٻڌائي. ماڻيو پر ’مان بنا‘، ’منهنجو بنا‘. پرڀوءَ جون ڏاتيون آنند مئہ آهن انهن مان آنند وٺو، پر نرمل رهت سان، ڪنول گل بڻجي.

اَنڌڪار ۾ پنهنجي منهن سڀ ڀٽڪيءَ ۾ آهين غلطان،
ڪول اکيون ۽ جاچ تہ ڪرڪا، آهي ڪٿي تنهنجو ڀڳوان؟
هوُ تہ وڃي اُن جاءِ رسيو، جت هاري ڌرتي کيڙي ٿو،
پھڻ مزور جتي پيو ڀوڙي، ڀوڙي ۽ گڏ ميڙي ٿو.
تتيءَ ٿڌيءَ ۾ وستر ڌڌڙيل، ڪم پيو سيني ساڻ ڪري؛
ويس تجي، هن وانگر تون ڀي، آءُ مٽيءَ ۾ پير پري.

مڪتي؟ مڪتي ڪٿ پائيندين؟ مڪتي آهي ڪهڙي پار؟
مالڪ پاڻ ٻڌو بندڻن ۾ آهہ اَسانجو هردم يار.
ٿوڙ سماڌي، ڦول ڦنا ڪر واس ۽ ڌوپ اُجهائي ڇڏ،
ڪم ڪري ۽ پگهر وهائي، پاڻڪي دلبر سان تون گڏ.

(٢) شيخ اياز جو ترجمو:

نہ مسجد نہ مندر ۾ آهي خدا
هلي آءُ، ڏسندين تہ ڇا آهي خدا

---

(٣) سڳن آهوجا جو ترجمو:

ڪنهن اڪيلي ڪنڊ ۾ مندر جي، ڏيئي در دريون
ايءَ جا پوڄا تو ڪرين سا ڪا نہ ٿيندءِ ڪارگر.

اُتم هن ئي ليک ۾ گرديو جي هڪ ٻئي شاهڪار گيت 'جاڳائيج' جو نرمل جيوتاڻي جو ڪيل ترجمو پيش ڪيو آهي.

ٽئگور جو بينگاليءَ کان انگريزيءَ ۾ پاڻ ترجمو ڪيل اهو گيت آهي.

Where the mind is without fear and the head is held high.

....

Into that heaven of freedom, my father let my country awake

سڳن آهوجا نارايڻ شيام جي 'روشن چانورو' جي مهاڳ ۾ شيام تي ٽئگور جي جمالياتي ۽ ڪائناتي شاعريءَ جو اثر ڏيکاريو آهي. سڳن لکيو 'جمالياتي شاعريءَ جو اهو رنگ جو پنهنجي اپياسي شاعرن کي به رنگي ڇڏي، سو سنسڪرت جي ڪلاسيڪل شاعرن ڪانپوءِ اسان لاءِ سنڌيءَ جي سڳوري شاهه، بينگاليءَ جي ٽئگور ۽ اُردوءَ جي فراق گورکپوري وٽ ئي آهي. اياز ۽ شيام انهن ٽنهي شاعرن جو اپياس ڪيو ٿو ڏسجي ۽ ٽنهي مان ٽئگور جو شايد گهٽ. ڇو ته ٽئگور جي جمالياتي شاعريءَ ۾ جيڪو نظم جو سلسلو ۽ ڦهلاءُ آهي، سي ٻئي چيزون اياز ۽ شيام جي جمالياتي شاعريءَ ۾ اجا نظر نٿيون اچن.

'تون اَهڙي سهڻي آهين جهڙي شام' ٽئگور جي ان ڪوتا ۾ ڪن ٻين به ڪوتائن جا مثال ڏيئي سڳن آهوجا جمالياتي ۽ ڪائناتي شاعريءَ جي وستارسان وضاحت ڪئي آهي. نارايڻ شيام جي 'روپ مايا' تي ٽئگور جو اثر ڏيکاريندي سڳن هن مهاڳ ۾ لکيو 'مٿي ڏسي آياسين ته ڪيئن ٽئگور پنهنجيءَ محبوبا کي چيو ته تون اَهڙي سهڻي آهين جهڙي شام' نارائڻ شيام جي هن بند ۾

تنهنجي ڪومل مڌ ڀري اي‌ءَ مسڪراهٽ جا چوان
آهه جڻ سا پريم ميءَ ۽ شانت مئه سنجها رتول

مينڪا اپسرا جي مسڪراهٽ جي اثرڪان رشي وشوامترجي ذهن ۾ هڪ چاتل سچاتل، شانت ميءَ ۽ رنگين شام جو منظر اُڀري اَچي ٿو ۽ لطف اهو جو اُن سنجها جو چترب چٽيو ويو آهي!

(روشن چانورو - صفحو - ٢٢)

شيخ اياز پاڻ مڃان سڀ کان وڌيڪ ٻن شاعرن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ربيندرنات ٽئگور جي اثرکي قبوليو آهي. شاهه ته سندس رڳ رڳ ۾ سمايو پيو آهي. سنڌ ڌرتيءَ مڃان ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ، بغداد نه سهي هن لطيف سائينءَ وٽ سڏ هنئي هئي.

فتحچند واسواڻي پنهنجي هن ليک ۾ اهو به جوڙيٿو ته ’رابيندرناٿ جي ڪتابن پڙهڻ سانگي وڏي عمر ۾ بيوس انگريزي سکيو، شوق جا نه ٿو ڪري سگهي؟ ڇهن مهينن ۾ ايتري ته انگريزي سکيو، جو ٽئگور جي سادنا جهڙو فيلسوفيءَ جو ڪتاب به پڙهي ۽ سمجهي سگهندو هو. نه رڳو ايترو بلڪ ڪاليجي شاگردن کي ان فيلسوفيءَ جي سمجهاڻي ڏيندو هو. مصيبتن ۾ مرڪي مقابلو ڪرڻ ۽ نه فرياد ڪرڻ هو ٽئگور کان سکيو.‘

(مهاڪوي ڪشنچند بيوس شتابدي گرنٿ -صفحو ٦ ۽ ٧)

بيوس جي شعر جو هڪ بند آهي

بنس پوريءَ ۾ ۽ سنئين ۾، ڦوڪ ڦوڪي پاڻ ٿو
ورنه ’بيوس‘ جي سخن ۾ آهي ڇا؟ سمجهي ڇئو.

بيوس جو اهو شعر ٽئگور جي گيتانجليءَ ۾ ڏنل هن بند جي سڌ جو گويا پڙاڏو آهي.

پنهنجي مرضيءَ سان اي مالڪ، مون کي امر اننت ڪرين ٿو
خالي هر هر ڪري هي پانڊو، نوَ سر جيون رس ڀرين ٿو

ڪڏهن پهاڙن تي، نين اُن کي، ڪڏهن آٿين وادين ۾ تنهنکي
بانس جي هن بنسيءَ ۾ مالڪ، ڇا ڇا سُر تانون ڦوڪين ٿو!
(ملڪاڻيءَ جو ترجمو)

٧ آگسٽ ١٩٤١، ٽئگور جي ديهانت تي پنهنجو شوڪ پرگهٽ ڪندي بيوس، گرديو کي شرڌانجلي ڏيندي هڪ ڪوتا ’ڪوتا پتي‘ لکي

’مات ڪوتا آهه اڄ ڪوتا پتيءَ جي شوڪ ۾
وڃ وڇوڙي جي ڪري ۽ لهس آئي لوڪ ۾

....

جنهن هستيءَ کان مليو هو ناز هندوستان کي
سو پڌاري ويو جڳت پرسڌ ڪوي پرلوڪ ۾
(شعر بيوس - صفحو ٥۴)

هن ڇوليءَ تي ڪتيءَ جو پاڇو، هن ڪنڌيءَ تي بانس جا وڻ، هيءَ واءُ، هي سانت جو مڌرسنگيت! هتان جي گهڙي گهڙي تنهنجي ’گيتانجلي‘ آهي. تون ڪٿي آهين ڪوي؟

’هيڏانهن ڏس، مان هتي آهيان‘ بانس جي وڻ مان تيز هوا ڊوڙندي ٿي وئي.

’هيڏانهن ڏس، مان وچي رهيو آهيان ’ميگهنا جي سير مان ڪوئي آواز اچي رهيو آهي. ’ڏس! مان لڙهندو ٿو وڃان. دور ڪنهن سندربن ڏانهن.‘

اوچتو مون کي خيال آيو ته هر آتما امر نه آهي. فقط ڪائي ڪائي آتما سرير جي موت کان پوءِ به زنده آهي، نه ته گهڻو ڪري آتما يا ته شرير کان اڳ مري ٿي، يا اُن سان گڏ مري ٿي. مون سوچيو ته مون کي ٽئگور جي شاعريءَ سان ايتري محبت ڇو آهي؟ مان ته ڪنهن غير مادي هستيءَ جو قائل نه آهيان. منهنجي من مندر ۾ ڪائي مورتي نه آهي. پوءِ به مان اهي ڏياٽيون ڪنهن لاءِ جلائيندو آهيان. ڪنهن ڪنهن وقت منهنجي آتما ڪنهن ديوداسيءَ وانگر نچندي آهي. ڪنهن لاءِ! ڪنهن لاءِ! مان فقط هن جڳ، هن ديهيءَ جو قائل آهيان، پوءِ به مونکي ٽئگور جا گيت ايترا ڇو وڻندا آهن؟ مون کي ميران جا ڪيرتن ڇو وڻندا آهن. آخر راڌا جو شيام سان پيار فقط ڏند ڪٿا نه آهي! هن جيون جي بن ۾ شيام ڪٿي ڪونهي - مان ناستڪ آهيان، مٿيءَ تي مستڪ ٽيڪيو اٿم، پر پوءِ به منهنجي من کي ٽئگور، ميران ۽ پٽائي ڇو ٿا وڻن؟ ائين ته ناهي ته مون پاڻ کي نه سمجهيو آهي.

(ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي - صفحو ١١٠-١١١)

منگهارام ملڪاڻي جنهن ٽئگور جي ’گيتانجلي‘، ’گارڊنر‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پيش ڪيو ۽ ’چترا‘ ناٽڪ به ٽئگور جي سامهون حيدرآباد (سنڌ) ۾ ڏيکارڻ جو جنهن کي موقعو مليو، هن مٿان لڳيتو ٽئگور جي لکڻين جو گهڻي ۾ گهڻو اثر پيو. ٽئگور کان ئي متاثر ٿي هن ڪيترو نظماڻو نثر لکيو، جيڪو ’جوانيءَ جا جذبا - پيريءَ جون ياديون‘ ڪتابي ۾ سهيڙي ڪونج پبليڪيشن طرفان

جاڳ پٽائي گهوٽ، سنڌڙي تي توکي سڏي
مرن پيون مارئيون، قابو آهن ڪوٽ
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون

اَياز پنهنجي دل اندر ودروهہ جي ان پڙڪندڙ آڳ جي شعلن تي قابو پائڻ لاءِ رڳو گرديو وٽ ئي دانهين وڃي سگهيو ٿي.

پورڻماسي پوري گنگا، ٿڌڙي ٿڌڙي واءُ
ٿلي پيو ٽئگور ڪنڌيءَ تي، اڄ پيو پرلاءُ
ڪوي اسان پرنام ڪيوسي، چميا اوهانجا پير
ڪوي ڏسين ٿو، ڪلڪتي آٿي ڪيڏا ٿو انڌيرا
ڪوي ڏنا آهن توکان پو ڪيڏا اسان ڪلور-
سچ کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو، مات رهيا منصور.

سندربن (بنگلاديش) مان ٣ فبروري ١٩٦٢ تي شيخ اياز پنهنجي هڪ دوست ڏانهن خط ۾ لکيو. 'مون اونهي آڪاش ۽ ڪتيءَ ڏانهن ڏسي ڪرموڙيا ۽ من ۾ چيو 'هيءَ گهڙي اَمر آهي. هيءَ گهڙي وري نہ ايندي، مگر مرندي ڪڏهن بہ نہ! هيءَ گهڙي مان آهيان، مان امر آهيان، آد جڳاد کان آهيان. هيءَ گهڙي ساري سرشٽيءَ جي سونهن آهي ۽ اُن سونهن جو منهنجي ساهہ ۾ واسو آهي. هيءَ گهڙي ڪوي ٽئگور جو گيت آهي، هيءَ گهڙي شاهہ لطيف جو بيت آهي. هي گهڙي ابد آهي، ازل آهي منهنجي ۽ خدا جو وجود آهي - لازوال آهي!'

(جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي - صفحو ١٠٥)

هن خط مان شيخ اياز جو شاهہ صاحب ۽ گرديو ٽئگور لاءِ صادق جذبو ظاهر ظهور آهي. اُن وقت جڏهن بنگلاديش اوڀر پاڪستان سڏبو هو، اَياز ١٩٦١ ۾ ٽئگور کي ئي ڳولهڻ لاءِ سنڌ ڇڏي اُتي پهتو هو. ساڳي خط ۾ هو لکي ٿو:

'ڪوي! مون کي جواب ڇو نہ ٿو ڏين؟ ڏس مون کي تنهنجي تمنا ڪٿان وٺي آئي آهي. هن نديءَ جي لهر لهر تنهنجو ڏس ڏيئي رهي آهي.

ڪھاڻيءَ جو پھريون جملو آهي تہ جڏھن چوڪريءَ تي شُپاشني (مدر آواز واري) نالو رکيائون تڏھن ڪنھن ٿي ڄاتو تہ ويچاري گونگي ٿي پوندي.

گرديو ربيندر ناٿ ٽئگور شانتينڪيتن لاءِ گھربل ناڻو گڏ ڪرڻ لاءِ مارچ ١٩٢٣ ۾ حيدرآباد (سنڌ) ۾ پڌاريو ۽ ڀائي پرتاب ڏيئلداس جي وڏي ڀاءُ نارائڻداس جي 'نارايڻ محل' ۾ سندس رھائش جو بندوبست ڪيو ويو. سنڌ ۾ سندس موجودگيءَ جو فائدو وٺي ھن جي مبارڪ ھڻ سان 'رابيندناٿ ڊرئميٽڪ ڪلب' جو مھورت ڪرايو ويو ۽ اَڪادميءَ جي جيڪب ھال ۾ سندس ٺي لکيل ناٽڪ 'چترا' ھن جي سامھون پيش ڪيو ويو. ڪونج جي مي- جون ١٩٦١ ۾ 'گرديو سان گڏجاڻي' ليک ۾ پروفيسر منگھارام ملڪاڻي ٽئگور جي سنڌ ياترا جو ورنن ڪندي لکيو 'ٽاگور جھڙي اعليٰ ھستيءَ اڳيان ڪلچرل پروگرام ڏيکارڻ ۾ جگر ڪپندو ھو، تنھن ڪري سڄو سارو مھينو، صبوح شام ھڪ ڪري اڪيڊمي اسڪول ۾ پرئڪٽس ڪندا ھئاسون. آخر اُھو شڀ ڏينھن اَچي ويو جڏھن مھا ڪوي، بنگال جي دور ديس مان ريل جو لنبو سفر ڪري، حيدرآباد اسٽيشن تي اَچي وارد ٿيو ۽ اسان جي نئين ناٽڪ منڊليءَ جي مدبرن چينمل پرسرام، لعلچند امرڏنومل ۽ سنتداس منگھارام سندس شاھاڻي آجيان ڪري ڪيس ڀائي نارايڻ جي عاليشان نارائڻ محل ۾ مھمان ڪري اَچي ٽڪايو. اُن رات اڪيڊمي اسڪول جي جيڪب ھال ۾ گرديو سامھون اسان جو پروگرام ٿيڻو ھو.'

ٽئگور کي منگھارام ملڪاڻي (اَرجن جي رول ۾) ۽ ٿھلرام آڏواڻي (چترا جي رول ۾) اَھڙو وڻي ويا جو ٻئي ڏينھن ڪين صبوح جو پاڻ سان گڏ نيرن ڪرڻ لاءِ گھرايائين. ناٽڪ تي پنھنجو سنو رد عمل پيش ڪرڻ بعد کين شاباسي ڏيندي چيائين 'وڏي ڳالھہ تہ توھان جي ائڪٽنگ وٽيم. تڏھن تہ توھان سان گڏجڻ تي دل ٿيم' سندس خماري اکين ۾ جوت اَچي ويئي ۽ اھو بہ جوڙيائين تہ 'سچ پڇو تہ مون پنھنجو 'چترا' ناٽڪ انگريزيءَ ۾ گھڻائي دفعا اسڪولن، ڪاليجن ۽ سنسٿائن طرفان پيش ٿيندي ڏٺو آهي. پر توھان جنھن اندروني جذبي ۽ صداقت سان پنھنجا پارٽ ڪيا سي مون ٻئي ھنڌ نہ ڏٺا آھن. اِشارا

۱۹۷۵ ۾ شايع ڪيو ويو. سڳن آهوجا ملڪاڻي جي نظماڻي نثر تي رايو ڏيندي لکيو 'ملڪاڻي صاحب وٽ جا شاعراڻي موضوع جي پرک آهي سا، سنن، چونيءَ جي شاعرن لاءِ بہ رشڪ انگيز ٿي سگهي ٿي، گهٽ ۾ گهٽ مونکي تہ مٿن رشڪ ايندو آهي.'

ملڪاڻيءَ پنهنجي ان شاعراڻي شعور لاءِ پنهنجي 'انتم وديا گرو' رابيندرناٿ ٽئگورجا ٿائي احسان مڃيا آهن. 'گيتانجلي' جي ديوناگري ڇاپي ۾ جيڪو ۱۹۷۸ سنڌو برهم سڪيا سميلن بمبئيءَ طرفان ڇپايو ويو، اُن جي مهاڳ ۾ ملڪاڻيءَ لکيو آهي 'منهنجا اوائلي وديا گرو تہ ٿي سنڌي تعليمدان هئا، پر منهنجو انتم گرو جڳ پرسڌ بنگالي تعليمدان ۽ مهاڪوي هو .... اُهي آڳاٽا گرو ڪانئن سالن جي سڪيا پرائڻ بعد ڪيم، پر ربيندرناٿ ٽئگور کي پنهنجو انتم گرو تہ مون هڪ ڪلاڪ جي گڏجاڻيءَ ۾ مڃي ورتو، اُها هڪ انوکي اٿوسرندڙ آڪاٽي آهي.' اها آڪاٽي ملڪاڻي پنهنجي 'گرديو سان گڏجاڻي' واري ليک ۾ درج ڪئي آهي.

'جوانيءَ جا جذبا ۽ پيريءَ جون يادون' جي مهاڳ ۾ ملڪاڻي صاحب لکيو تہ 'هن ادبي پارن کي آءٌ نظماڻو نثر' سڏيندو اَچان، تنهنجي ڪجهہ سمجهاڻي ڏيان. هن آزاديءَ جي يڳ ۾ شاعرن پڻ عروض ۽ ڇندن جي بندنن کان آزادي پرائي poetic Prose لکڻ شروع ڪيو آهي جنهن جو پايو ڀارت ۾ ٽئگور ۽ ائميريڪا ۾ والٽ وٽمن وڌو هو. هن طرز ۾ خيالات جذباتي ۽ شاعراڻي هوندي آهي، پر لکڻي بنان وزن نثراڻي ٿيندي آهي - توڻي لفظن جي چونڊ ۽ جملن جي بيهڪ ۾ ميناج رکيل هوندو آهي. هن طرز کي پهرين 'ادب لطيف' ڪوٺيندا هئا.

ٽئگور جي ڪهاڻين مان سڀ کان اول ملڪاڻيءَ سندس 'شيا (شني) جو ترجمو ڪيو هو جيڪا ۱۹۲۴ ۾ ڀارتواسي ۾ 'گونگي ڪنوار' جي عنوان سان شايع ٿي هئي. اها ڪهاڻي رچنا - ۷۲ (آڪٽوبر - ڊسمبر ۱۹۹۴) خاص ملڪاڻي انڪ ۾ هت ٻيهر شايع ٿي آهي.

گرديو پنهنجي ناول 'راج رشي' کي ناٽڪ جو جامو پهرائي 'وسرجن' جي عنوان سان شايع ڪرايو. سنڌيءَ ۾ اُن جو ترجمو گوبند مالهيءَ 'بليدان' جي عنوان سان ڪيو آهي. اُهو ميرچ ساهتيه مالها طرفان ١٩٦٢ ۾ ڇپيو ويو آهي. هن ناول / ناٽڪ ۾ گرديو هندو سماج ۾ ڦهليل 'ڇوئا ڇوت' ۽ انساني ٻلي چاڙهڻ خلاف پنهنجو زوردار آواز اٿاريو آهي.

ٽئگور جو سڀ کان پرسڌ ناٽڪ آهي 'ڊاڪ گهر' يا 'پوسٽ آفيس'. هيءُ ناٽڪ دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي منچ تي پيش ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ سڀ کان اول پيرومل مهرچند 'آزاديءَ جي ڪوڏي' عنوان سان رتن ساهتيه منڊل طرفان ١٩٢٨ ۾ شايع ڪرايو هو. اصلوڪي ناٽڪ جو ڪردار 'امل' ڇوڪرو آهي، پيرومل مهرچند البت ان کي ڇوڪريءَ جي ويس ۾ پيش ڪيو آهي. هن ناٽڪ جو ترجمو نارائڻي پوچراج آڏواڻيءَ به ڪيو آهي جيڪو هندوستان ساهت مالا طرفان ١٩٥٦ ۾ ڇپيو ويو. 'ڊاڪ گهر' جو ٽيون ترجمو هريرام ماڙيوالا جو ڪيل رويندر ساهتيه منڊل - بمبئيءَ طرفان ١٩٥٧ ۾ شايع ٿيو. ٽئگور کي پنهنجي هن ناٽڪ تي وڏو ناز هو. چوندو هو ته هن ناٽڪ جو اَمل مان ئي آهيان، جيڪو هر وقت پنهنجي بندشن مان آجو ٿي، آزاديءَ لاءِ تڙڦي ٿو.

اي. جي. اتم پنهنجي مذڪور ليک 'ٽئگور ۽ سنڌي ساهت' ۾ لکيو آهي:

'مٿي ڄاڻيل ناٽڪن کانسواءِ (ٽئگور جا سنڌيءَ ۾) ٻيا هي ناٽڪ ترجمو ٿيل آهن - 'مڪت ڌارا'، 'اُما'، 'ونايڪ'، 'چترا'، 'آربه ۽ اڻ آربه' ۽ 'ڪنتي ڪرن'. 'آزاديءَ جي ڪوڏي' ناٽڪ 'ڊاڪ گهر' جي نالي ۾ ٻه دفعا ڇپيو آهي. البت گرديو جا ڪيترائي ناٽڪ اسٽيج تي ڏيکاريا ويا آهن، خاص ڪري رويندر ناٽ ناٽڪ منڊليءَ طرفان، جنهن جو مهورت ١٩٢٣ ۾ خود ٽئگور ڪيو هو ۽ جنهن جا باني هئا کانچند درياڻي، لعلچند امرڏنومل، هيرانند آڏواڻي، ڄيٺمل پرسرام ۽ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي.'

منهنجي محدود ڄاڻ موجب ٽئگور جو ڪوبه ناٽڪ ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کانپوءِ سنڌي رنگ منچ تي پيش ڪونه ٿيو آهي. سنڌاللجيءَ ان ڏس ۾ هاڻي چاهه ڏيکاريو آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي سنڌ ۾ 'چترا'، ٽئگور سامهون ۽ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ طرفان سندس ٻيا به ڪي ناٽڪ انگريزيءَ ۾ پيش ڪيا هئا.

(هلندڙ)

ٿورا پر آواز ۾ ڇهري جي ڦير گهير گهٽي. توهان ٻنهي ارجن ۽ چترا جي اندر ۾ گهڙي منهنجي ڪردارن کي جاندار بڻائي ڇڏيو!'

شاعر جي مک مان اهڙا اکر ٻڌي اسان جون اکيون چرخ، وايون ٻتال ٿي ويون پر شاعر چوندو هليو : توهان جا انگريزيءَ جا اُچار بہ بلڪل درست هئا، جي ٿورا هندوستاني ڪري سگهندا آهن. توهان ڪهڙي ڪانوينٽ ۾ پڙهيا آهيو؟

مون جواب ڏنو : سائين، ڪانوينٽ ۾ تہ اسين ڪونہ پڙهيا آهيون. باقي مون کي اسڪول ۾ انگريزي اُچار هڪ مسلم ماستر غلام علي سيکاريا ۽ ڪاليج ۾ اسين بہ ٽي پرنسيپال شهاڻيءَ کان سکياسون.

....

اُتي ناشتو ختم ٿيو. گرديو ٻانهن کان وٺي ٻاهر اُماڻي آيو ۽ موڪلائي ڪندي چيائين 'شال ناٽڪ ڪلا ۾ وڌو ويجهو، منهنجي آسيس اِتُوا اَهڙيءَ طرح گروگيان ۽ گُرمنتروٺي، اتي آنند ۾ چپ چاپ گهر موٽياسون.'

ٽئگور جو اهو 'چترا' ناٽڪ سنڌيءَ ۾ تيرٿ وسنت ترجمو ڪري ۱۹۴۴ ۾ ڪوڙيمل سنڌي ساهتيہ منڊل حيدرآباد (سنڌ) مان ڇپايو هو. ساڳيو ناٽڪ 'چترا نگدا' جي عنوان سان هريرام ڏيارام ماڙيوالا ۱۹۴۲ ۾ ڪراچي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ 'ڀارت ڇوڙو' آندولن دوران سزا ڪاٽيندي ترجمو ڪيو هو. پر اهو پوءِ هت هند ۾ ۱۹۶۸ ۾ رويندر ساهتيہ منڊل بمبئيءَ طرفان شايع ڪيو ويو.

تيرٿ وسنت 'چترا' جي ترجمي جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ 'روي بابو جڏهن طهران (ايران) ۾ آيو هو تہ ايران جي وزير دربار افا نيمورتاش ۽ برٽش ڪانسل مسٽر بروئنن جي چوڻ تي ويهارو ڏينهن سانده مان سندس شيوا ۾ هوس ۽ موقعي جو فائدو وٺي ڪئين دفعا سندس ڪتابن جي ترجمي بابت ڪائنس پڇندو هوس. سندس چوڻ هو تہ اکري ترجمو ڪرڻ آسان آهي، پر آزاد ترجمو جنهن مان رچنڪ جي شخصيت ڀڪي ۽ پڙهندڙ هنڪي پرائو نہ پر پنهنجو سمجهي سو نهايت مشڪل آهي. هن ايڊورڊ فٽز جيرالڊ جي عالم آشڪار رباعيت جو مثال ڏئي چيو تہ هن اهڙي قسم جو ترجمو ڪري نہ رڳو دنيا سان ڀال ڀلايا پر خود عمر خيام تي وڏو احسان ڪيو.'

ٽئگور جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل پهريون ناٽڪ 'رٿ ياترا' هو جيڪو آچاريہ آسوديمل گدواڻيءَ ترجمو ڪيو هو ۽ نيو سنڌ لئبرري ڪراچيءَ طرفان ۱۹۲۶ ۾ شايع ٿيو هو.

ستيش روهڙا (دهلي) ٢٨-٥-١٩٩٠

پيارا لکمي - سدائين باغ بهار هجين.

تنهنجو خط مليو. منهنجي ڪهاڻين بابت جيڪي تو لکيو آهي، اهو پڙهي من کي سچ ته ڪافي سنتوش مليو. سچ ته ڪنهن به رچنا جو اصلي جج آلوچڪ ڪونهي. ذهني طور سچاپ پاٺڪ آهي. ان ڪري تون جيڪي ڪجهه چوندين - لکندين، ان ۾ احساس جي ڌارتل تي محسوس ڪيل سچائي هوندي. تو ڪهاڻيون ماڻيون، اها ڳالهه مون کي سک تي ڏئي.

هاڻي اها ڳالهه لڳ ڀڳ پڪي آهي ته مان جولاءِ کان آزاد آهيان ۽ گانڌيڌام ۾ اچي رهي سگهان ٿو ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ڪم ڪري سگهان ٿو. پوني ۾ جولاءِ جي ٻئي هفتي ۾ هڪ ورڪشاپ ٽيڻ جي سمپاونا آهي. اتان سڌو مان ۽ پريتم گانڌيڌام اچي سگهون ٿا. تون اهو خيال رکي ١٧-١٨ جولاءِ جي آس پاس ميٽنگ رکي سگهين ٿو.

ان سلسلي ۾ ٻه ڳالهيون لکڻيون اٿم. هڪ آهي منهنجي رهڻ جو بندوبست ۽ ٻيو آهي فارمل ڊنگ سان انسٽيٽيوٽ جو ڪم ڪرڻ. رهڻ بابت ائين پريتم جو چوڻ آهي ته مان جڏهن چاهيان، جيترو وقت چاهيان سندس گهر ۾ رهي سگهان ٿو. پر ان ۾ ٻه ڏکيايون آهن. هڪ ته هن وقت شايد پريتم جي پيڻ اتي رهيل آهي. ٻيو ته جي پريتم گهر ۾ نه هجي ته پوءِ مون کي خالي گهر ۾ رهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي جو مان اهڙي هنڌ رهڻ چاهيندس جتي ڏکئي وقت ۾ ضرورت پوڻ تي ڪنهن دوست کي سڏي سگهان. پريتم جو گهر دوستن کان پري آهي. انڪ ڪري ئي مون چاهيو ٿي ته اِنسٽيٽيوٽ جي جڳهه هجي، جتي ضرورت هجڻ تي مان رهي سگهان ان بابت سوچج.

انسٽيٽيوٽ جو ڪم به مان فارمل ڊنگ سان ڪرڻ چاهيندس. ان بابت به سوچج. گڏجنداسين ته ڳالهائينداسين. مان جولاءِ ۾ ايندس ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو ته رهندس. ان جو خيال رکج. جي اِنسٽيٽيوٽ لاءِ جڳهه ملي ۽ اُتي رهڻ جو بندوست ٿي سگهي ته مان پنهنجا ڪتاب (جيڪي ڪم جا آهن) اهي گانڌيڌام موڪليان ان بابت احوال ڏج. مون کي جون ۾ هتان پنهنجا ڪتاب وغيره ڪڍڻا آهن. گهرڪٽي وڃڻ جي بدران مان ڪتاب ايڏانهن موڪلي سگهان ٿو. هن خط جو جواب ڏج. پنهنجي پروگرام کان واقف ڪج.

قرب مان - ستيش

اديبن جا ڪي چونڊ خط - (٢)

تيرٿ بسنت (نئين دهلي) - ١١-١٢-١٩٨٦

پيارا لکمي،

ڪارڊ پهتو - ڪالهه مون اڳيئي توکي اطلاع موڪليو آهي. تنهنجو گهر ڪافي سهوليت ڀريو آهي. دريءَ سامهون ڪٽ مونلاءِ رزرو ڪري ڇڏ. مان وڏيڪ چڪر هڻڻ چاهيان ٿو. مونئندي گيا - بنارس - الله باد وڃڻ جو ويچار اٿم. ليڪن واپس ورندي ڪو ساٿي ڪپي. پتو ناهي اهڙو ڪو سچڻ سيمينار ۾ ايندو يا نه.

بنارس ۾ سامتاٽي آهي هن J. B.W. Foundation لاءِ پنهنجي ڊاڪٽوريٽ جو مقالو موڪليو هو. خوبچنداڻي به اٿين ڪيو هو. مون کي ڊاڪٽر گوبندسنگهه چيو ته 'ساهتيه سار' موڪل ۽ V. C. توهانجي سفارش ڪندو. خير اوچتو ١٠ عيوض ستن کي انعام ڏنائون. جيڪي سڀني ملڪن جي وڏين سنستائن جا ڊئريڪٽر هئا. مونکي الائي ڪيئن هي انعام مليا آهن. مون ڪا ڇوُ چا ڪئي ڪانهي. منهنجو اهڙو سڀاءُ ئي ناهي.

ڇينمل تي ڇا لکيو اٿم ياد ناهي، وري نظر مان ڪيندس.

٢٣ صبوح جو ڪالڪا ميل ۾ پهچي ويندس. ڪو اسٽيشن تي هوندو ته واهه واهه نه ته گهر ڏنو اٿم ڳولي لهندس. تنهنجي ماتا اڳيان به متي ٽيڪ ڪندس.

اڳ ڪينيڊيءَ جي صدارت وقت هندوستان سان ويجها لاڳاپا ڳنڍڻ جي ڪوشش هلندي رهي، ان لاءِ U. S. جي ايلچيءَ چگو ئي پاڙ موڪيو، هاڻي حالتون بدليل آهن. هي ڪي شخصي معاملا ناهن، ملڪي معاملن جي نيتي پئي بدلجي.

- تيرٿ

(واٽومل فائونڊيشن، هونو للوُ (هوائي - ائميريڪا) پاران هڪ هزار ڊالرن جو انعام تيرٿ بسنت کي سندس 'ساهت سار' لاءِ ڏنو ويو هو - آئيني جي اڳيان (١٩٦٨) - ڪونج پبليڪيشن)

رهيو آهي، اُن سان آهي. يقين ڄاڻ تہ تنهنجيءَ ان ڪهاڻيءَ سان پورو انصاف ٿيندو. ليڪ انگريزيءَ ۾ ئي آهي.

مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ تو ڪهاڻيءَ ۾ ان علامت کي جو آندو جڏهن ڪ تنهنجي لاءِ بيءَ ڪنهن بہ علامت جو استعمال ڪرڻ ڪو ڏکيو نہ هو. پنهنجي ليکي ان علامت سان ڪهاڻي پنهنجو مطلب نيڪ طرح سان نباهي ٿي. پر شايد مان ڄاڻڻ چاهيان تہ ان وقت اها تنهنجي ڪهڙي ڪيفيت هئي جنهن توکي اها علامت استعمال ڪرڻ لاءِ آمده ڪيو؟ واجب سمجهين تہ ان ڳالهہ مان واقف ڪج.

دوستن لاءِ سلام. قرب پرم.

ق : ت. ليکڪن جي اتحاد لاءِ هتي ڪن ليکڪن کي سجهاءُ ڏنا آهن. ڪو سنگهٺن ٺاهڻ ٿا چاهين، مون هنن کي صلاح ڏني تہ گجرات مان فقط لکمي جو هن جماعت ۾ هئڻ لازمي آهي ڇاڪاڻ تہ هو ان سلسلي ۾ سڀني کان گهڻو اڳتي نڪري آيو آهي ۽ جماعت جي ڪاميابيءَ جي سلسلي ۾ هو ڪافي حد تائين سهڻي صلاح ۽ مشورو ڏيئي سگهندو. توکي ان باري ۾ لِکن تہ ڪين مدد ڪرڻ کان انڪار نہ ڪج. سنڌي ليکڪن جي نالي ۾ ئي سهين.

پرم ابيچنداڻي (دهلي) ١٠-١٢-١٩٩١

لکمي پيارا - خط مليو تفصيل بہ مليا. شڪرگذار آهيان.

دراصل منهنجي اُلجهن ڪا بي آهي. بہ ليک لکنا آهن. هڪ سِنبلزم تي ۽ بيو سريئلزم تي. پنهنجي ليکن لاءِ ڪوتا ۾ مثال تہ مون وٽ گهڻيئي آهن ڇاڪاڻ تہ بنهي ٽرينڊس کي ڪوتا ۾ گهڻو استعمال ڪيو ويو آهي. نثريا ڪٿا ساهت ۾ انهن عناصرن جو استعمال ٿورو ڏکيرو آهي ۽ ان ڪري اهڙا مثال رچنائن مان ڳولهي ڪڍڻ نہ صرف صبر جي تقاضا ٿو ڪري پر محنت بہ. صبر مون ۾ بہ آهي. جڳهہ گهٽ هئڻ ڪارڻ ڪيترا ڪتاب لئبررين کي ڏنا اٿم ۽ ڪجهہ ائين ڪوڪن ۾ بند پيا آهن.

تو لکيو آهي تہ (تنهنجي) 'اَجو پکي' ڪهاڻيءَ ۾ سپني جو چِٽ آهي. هاڻي سپنن واري دنيا سالويدار ڊالي پنهنجي چترن ۽ فلمن ۾ آندي. سندس سپنا Horrors سان ڀريل هئا. مونکي تنهنجي هيءَ ڪهاڻي بلڪل ياد نہ اَچي رهي آهي. ائين هرگز نہ آهي تہ پڙهي نہ هوندم. هاڻي مون سان هڪ قرب ڪر. مون کي

گوورڌن محبوباڻي ’پارتي‘ (اَجمير) ٢٠-١٢-١٩٩٠

پريہ لڇمي - واشيءَ سميت باغ بهار هوندين!

مبارڪن جي ڪارڊ لاءِ مهرباني! (دادا دڪايل هاڻي ڪيئن آهن؟) ادل، منهنجي اوارڊ لاءِ مون کان وڌيڪ توکي اون هئي ۽ يقينا مون کان وڌيڪ توکي خوشي ٿي هوندي. منهنجي روبرو جڏهن جڏهن تون منهنجي لاءِ اڪاڊمي اوارڊ جو ذڪر ڪندو هئين تڏهن بيحد ڪوفت ٿيندي هيم. افسوس صرف اهو اٿم تہ نئين ڪوتا جي باني هريش کي آلوچنا لاءِ، شاعر موتي پرڪاش کي سفرنامي لاءِ ۽ گيتڪار گوورڌن کي غزل لاءِ اوارڊ مليو آهي. بهرحال سرڪاري ٺپو تہ لڳو ۽ ماڻهن جي چؤچؤ بہ ختم ٿيندي. مبارڪن جي خطن (۽ تارن ۾ بہ) جڏهن اوارڊ جو ذڪر ٿو پڙهان تہ پنهنجو پاڻ تي قياس Well deserved - Belated ٿو اچيم. بهرحال هئن بہ سچڻ واه واه، هونئن بہ سچڻ واه واه! اوارڊ لاءِ منهنجي اچا تہ مري چُڪي هئي!

ياءُ موهن چندناڻيءَ کي دستوري جواب لکيو اٿم تہ ذرا صحت نارمل ٿئي ۽ اڳيئي طيءِ ٿيل پروگرام پورا ڪريان تہ آديپور ضرور ايندس. توهان کي تہ بار بار لکيو اٿم تہ - ڀارت جا ڪافي شهر گهمڻ بعد مان بہ ان راءِ جو آهيان تہ صرف آديپور ئي سنڌين جي سرگرمين جو صحيح مرڪز بڻجي سگهي ٿي ۽ آديپور جا رهواسي بہ وڌيڪ سنسڪاري آهن. تو شايد چندناڻيءَ کي اهو ڪونہ ٻڌايو هو تہ جنوريءَ تائين منهنجا بمبئي، جوڌپور، ٻاڙمير، جيپور ۾ پروگرام اڳيئي طئہ ٿيل هئا (جيڪي رد ڪيم). پنيءَ ۾ (آپريشن واري هنڌن تي) سرديءَ سبب سخت سور اٿم ان ڪري اڪرصاف ڪونهن، پر اميد تہ مطلب ڪڍي ويندين. تيرٿ، ملڪاڻي، هريش، اِندرا، دلگير ۽ ڪرشنا لاءِ نمسڪار.

قربن مان - گوورڌن

پرم ابيچنداڻي (دهلي) ٢٩-١٠-١٩٩١

لڇمي پيارا - اڳ لکيل خط پهتو هوندءِ.

هڪ ضروري ڪم - ’نانگ‘ ڪهاڻيءَ جي زيروڪس ڪاپي موڪلي سگهندين؟ (انگريزيءَ ۾ ترجمو بہ) ۽ ترت. مان ڪنهن ليک تي ڪم ڪري رهيو آهيان ۽ اُن جو واسطو سنڌي ادب ۾ Symbols (پرتيڪ - علامت) جو استعمال ڪيئن ٿيندو

ها، ڪهاڻين لاءِ ان ڪري خط لکيا هئا جو ساهتيه اڪادميءَ لاءِ ڪهاڻي سنگرهه ايڊٽ ڪرڻو هو. پر هاڻي لڳيم ٿو مان اهو ڪم ڪري نه سگهندس. ٻارن گهڻو زور پريو آهي ۽ مان ٽي چار مهينا، شايد وڌيڪ به، ڪئناڊا وڃان. ان ڪري ساهتيه اڪادميءَ کي لکي ٿو موڪليان ته ڪم ڪنهن ٻئي جي سپرد ڪن.

زندگي تمام ننڍي آهي نه؟

گوبند مالهي (ممبئي) ۱۲-۲-۱۹۹۲

پريه لکمي، خوش هجين سدائين.

تنهنجو ۲ / ۲ جو خط ڪالهه پهتو. مهرباني، مون تنهنجي اَئين خط ملڻ بعد ناري گرسهاڻيءَ سان ڳالهايو هو. تنهنجو خط ئي ڏيئي ڇڏيومانس، چيائين 'وڌيڪ تفصيل ڏيو ته مان گجرات هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن وڪيل معرفت اَحمد آباد ۾ رِٽ داخل ڪرائي ڏيندوسانوَ.'

مان گانڌيڌام ڪامپليڪس کي پنهنجو شهر قبوليو آهي ۽ سنڌالجيءَ سان پاڻ کي ڳنڍيو آهي. مون پنهنجي ڪالم ۾ گانڌيڌام کي وڪاس بورڊ جي مرڪزي دفتر جو صحيح حقدار مڃيو آهي ۽ ان لاءِ يڪراءِ ٺهراءَ جي طلب ڪئي آهي پر نانڪرام ايسرانيءَ جي اجمير جي حق ۾ طلب ڪرڻ ۽ سرڪار کي سنڌين جي يڪراءِ نه ٺهراءَ جي بهاني ڪان روڪڻ لاءِ لکيو آهي ته في الحال ان کي بڙودي ۾ اسٽاپن ٺيڻ ڏيون، هڪوار بورڊ اسٽاپن ٺيڻ بعد بڙودي بدران ساڳئي پرديش ۾ گانڌيڌام دفتر ڪرڻ جي طلب ڪري سگهجي ٿي.

ان وچ ۾ اوهان پنهنجو ڪاريه ڪيترا اڳا به وڌائيندا رهو، منهنجون شيوائون اوهان بلي رهنديون. خود مورجمل کي گانڌيڌام ۽ سنڌالجيءَ جي حق لاءِ مون پنهنجو يوگدان ڏنو آهي، اها ڳالهه هن به قبولي آهي. اوهان جي لکپڙهه جي ڪاپي مونکي به موڪليندو رهيو آهي. مان منگهارام سپاهيملاڻيءَ سان به لهه وچڙ ۾ ٿو رهان. سنمک ايسرانيءَ سان به ڳالهائيندو آهيان. ٻارن لاءِ نمستي، سک سنيه مان - مالهي.

ق : ت. پيگونتيءَ جي جنم ڏن ملهائڻ جي وڌيڪ تفصيلوار رپورٽ هجي ته موڪلجِ. مان پيگونتيءَ جو وڏو فوٽو ڪنهن هٿيڪي ماڻهوءَ هٿ موڪلي ڏيندس. پيگونتيءَ جي ياد ۾ هال يا روم تي هنجو نالو رکڻ به اوهان جي لائقيءَ جو ۽ انصاف جو ثبوت آهي.

ان ڪهاڻيءَ جي فوٽو ڪاپي موڪلي ڏي. توکي تڪليف ضرور ڏيئي رهيو آهيان، پر مان سمجهان ٿو تہ تون منهنجي مجبوري ضرور محسوس ڪندين. ٻئي ليک ٢٢ ڊسمبر تائين ڏيڻا آهن. منهنجو ڪم ٽُرت ڪندين تہ مهرباني ٿيندي. The Rape (سنڌيءَ ۾ 'مادر ....' هنديءَ ۾ 'جشن') ڪهاڻيءَ جي ڪاپي جيڪڏهن تو وٽ هجي تہ اها بہ موڪلج. ٻيءَ طرح وقت گذري پيو. اڃا تائين زنده آهيان. سياڻي جي چاڻ نہ اٿمءِ نہ ئي وري اُنجو فڪر آهي.

اُميد تہ فيبروريءَ ۾ ملاقات ٿيندي. قرب. پرم.

ڪرشن کٽواڻي (اِندور) ١٥-٣-١٩٩٢

پريہ لڪمي، تنهنجو خط پهتو.

ٽن هفتن جي مسافريءَ ڪري ٿورو ٿڪ هو. هاڻي ٺيڪ آهيان.

ڪلڪتي مان وڏيڪ ڪو احوال ڪونہ آيو آهي ان ڪري اهو پروگرام ڪونہ ٿيو آهي . اِندور سميلن جو مٿئر هفتي ڪن ۾ اجمير روانو ڪندس.

سڀ مقالا ءِ ڪجهہ تقريرون ايڊٽ ڪرڻيون پونديون، نہ تہ مواد تمام گهڻو ٿي ويندو. ستيش جو مقالو مليو آهي، ان سان هٿ چراند نہ ڪندس.

تنهنجي گهر ۾ رهندي عجيب احساس ٿيم. تنهنجي ڪلڪتي واري گهر ۾ بہ رهيو هوس. تون نصيبن وارو آهين جو توکي جيون ساٿڻ سچ پچ جيون ساٿڻ ملي آهي. اسين وڏيون ڳالهيون ڪندا آهيون پر ننڍين ڳالهين پنيان جي سچ لڪل آهن، اهي اسانجي زندگيءَ کي معنيٰ ڏين ٿا.

مون اُتي پهريون دفعو ڏٺو تہ گورڌن کي اهو احساس ٿيڻ لڳو آهي تہ منجهس ڪا ڪمي آهي جو ڪنهن سان بہ گهڻو وقت هلي نہ ٿو سگهي. ڪڏهن لڳندو اٿم اگر هو ڪي سنا ڪتاب پڙهي تہ شايد بدلجي، يا ڪڏهن لڳندو اٿم هن خود ڪلاکي سنجيده نموني نہ ورتو آهي، ان ڪري پنهنجي ڪلا جو اڌورو اُپيوگ ئي ڪيو اٿائين. ڪلا جو علم هئڻ انسان کي ڪلاڪار ڪونہ ٿو بڻائي، پر ڪلا ۾ گم ٿي وڃڻ سان ڪلاڪار جنم وٺي ٿو.

اَلائي ڇو هن ويل دل ٿي ٿئيم تہ سنڌالاجيءَ جي ڪڌ تي ويهي لهندڙ سج جو نظارو ڏسان.

پيار - ڪرشن

وڏيڪ چڱو آهي جو هو منهنجو آهي، منهنجي ٻارن جو بابل آهي، هنجو ڏک منهنجو ڏک آهي.

ڪيئي سپنا پئي لڌم ته آشا اَچي ته سنڌالاجيءَ ۾ جاءِ وٺي ڇڏيندس، ڇو ته اَسان ٻنهي مان ڪير ٿو اڳي وڃي، ڪائي خبر ناهي، گهڻ ۾ گهڻ هڪ ته مرڻ تائين توهان ليکڪ مائٽن جي پريم ۾ رهندو. ....

خير جيڪي ٿيو.

اُميد ته اُتم ڪي سچي قرب سان خط ضرور لکندين. اُتم جيڪو ساهتڪ قافلي جو ميمبر آهي. قومي پروانن جي ڪٽنب جو ڪٽنبي آهي. گهڻي پيار مان

رام دادا جهڙي لکمي ڀاءُ جي ڀيڻ

سُندري

ڪلا پرڪاش (دبئي) ١٤-١-١٩٩٥

پيارا ڀاءُ لکمي.

تنهنجو ٥-١٢-١٩٩٤ جو لکيل خط پهتو آهي. مليرجي وسڻ جي خبر پياري آهي. ڪا مارئي آهي ڇا جيڪا ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ ويندي هجي؟ يا ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ جي ضرورت ڪانهي. شل سنڌالاجي / مليرسنڌي تهذيب جو اونهو ڪوهه بڻجي. توهين ته پروگرام جي نيند موڪلي اسان کي چيڙايو وينا. بس خط ۽ سنڌووائي پڙهي فائيل ڪرڻ جو ڪم آهي اَسان تي. اڄ ڪان فيسٽيول شروع ٿيو آهي. لُن جي ڪاميابيءَ ۾ ته ڪو شڪ ئي ڪونهي. واندو ٿي سڄو احوال لکجانءِ. ها جڏهن سهوليت ٿئيئي. رام بخشاڻي به اَچي پهتو هوندءِ ۽ ٻيا سڀ به.

سنڌوءَ کي اَسان ايڏانهن موڪليون، تو ته اها ڳالهه دل سان چئي هئي ۽ مون دل سان ٻڌي هئي. پر پيارا لکمي اسان کي هنياءُ ئي ڪونهي ڏيءُ کان الڳ رهڻ جو. اَڄوڪين حالتن ۾ پنهنجو گهر وسائيندين آهن ڏيئر پوءِ ته من کي ٽپڻو ناهڻو پوندو آهي. هوءَ به نه رهي سگهندي ائين اسان کان پري. مهنو ڪن ٿيو آهي ته نوڪري ملي اَٿس. هاڻي راجو - شري - سنڌو ۽ هي چارئي وڃن ڪم تي مان گهر ۾ ئي - ايڪانت وٽيم ٿي. منجهند جو ايندا آهن ته تڙ تڪڙ ۾ هوندا آهن. شام جو اَچن ته گهر مهڪي پوي.

'اَسمير' ناول مون کي ايترو ٿو هرڪائي جو توکي ڇا ٻڌايان. پر Gorbachev پڙهي رهي آهيان. جي اَڌ ۾ ڇڏيم ته وري پڙهڻ نه پڄندو. باقي ٺورو آهي.

واسديو موهي (اَحمدآباد) ۳۱-۵-۱۹۹۳

(هريڪانت جيٺواڻي ڏانهن لکيل خط جو نقل)

پيارا هري،

تنهنجو سنڌالاجيءَ وارن کي لکيل سرڪيولر / خط (۲۰ مي ۱۹۹۳) مليو. ڏک ٿيو. تي سگهي ٿو توکي ڪي شڪايتون / رزرويشن هجن، پر اِن ۾ ته شڪ بلڪل ناهي ته دوست ڪجهه ڪري رهيا آهن. اُن ڪجهه لاءِ گهڻو ڪجهه نظر انداز ڪري سگهجي ٿو. اڄ تون وڏو ڪم ڪري رهيو آهين، جي روز هڪ ڪلاڪ به پنهنجي جاتيءَ کي ڏيئي رهيو آهين. اُهو هڪ ڪلاڪ نه تو وٽ آهي، نه مون وٽ. تنهنڪري منهنجو اُنهن شخصن کي سلام آهي جو روز ڪلاڪن جا ڪلاڪ جاتيءَ کي ڏيئي رهيا آهن. ۽ ها، توکي ’مٽڪو‘ مليو يا .... لوَ

واسديو موهي

سندري اُتمچنداڻي (ممبئي) ۱۲-۶-۱۹۹۴

پياءَ لکمي - جئہ سنڌي

اُميد ته منهنجي خط جو جواب ڏنو هوندءِ پر اَڃا مليو ڪانهي. تنهنجي ڪهاڻي (هٿ ڏرمي) اُتم ۽ مون کي گهڻو ڏکويو آهي. پياءَ اَسان ۾ ڪوئي سُڌارو آڻڻ چاهين ٿو ته منهن تي ڪجهه به چئين ها. اُتم جو ڏک ۽ مون تي ڏمر ڏسي توکي به چڱو ڪين لڳندو. وري پوپٽيءَ ته نالا وغيره ظاهر ڪري، جن ڪهاڻي ڪن به ڪردارن جي سمجهي هجي تن کي به ٻڌائي ڇڏيو. مون کي ته بلبلا هي جهيڙا ۽ ڏک وڻن ڪين ٿا.

’مفتي منجهه وهار‘ شاهه صاحب جو سڌ ٻڌي، پنهنجي مرداني سپاوَ کي ڏسي ۽ ٻئي جي احساس جو خيال ڪري، اُتم کي ضرور لک ته ’غلطي ٿي آهي ان لاءِ دل ۾ اصل نه ڪر......‘

پياءَ پنهنجي سنڌي جاتيءَ لاءِ تون به شيوا ڪرين ٿو، اُتم به گهٽ ڪانه ڪئي آهي. عيبن ڪان ڪو آجو ڪونهي پر ثوابن ۾ جن تي نوازش آهي، تن کي گهڻي ئي نوازش ٿيل آهي. اَسين بهتر ته ٻين جي گڻن اوگڻن کي سمجهي سگهڻ جي هام نه هڻون.

مان چاهينديس تون ’سپون‘ ۾ لک ته منهنجي آڻاڻيءَ کي ڪن نالا ڏيئي دوست ڏي اشاري ۾ شمار ڪيو آهي. پر مونکي ان لاءِ پڇتاءُ آهي.

پياءَ، اُتم مونسان ڏاهو يا ڏنگو تمام گهڻين زالن ۽ ليکڪائن جي مڙسن کان

هي چار ڏينهن منهنجي يادگيرين جي آلبم ۾ هميشه پڪي پختي جڳهه والاريندا.

سچ پڇو پاڻرا تہ سيني کان گهڻو مونکي موهيو مليرڳوٺ جي مائيٽي ۽ سني سياوَ واري ناري واشيءَ. سچ تہ واشيءَ جي هجڻ مليرکي خاص معنيٰ ڏني آهي. هوءَ تہ حقيقت ۾ مليرجو ڪنيو آهي. هر وقت سندس چهري تي مسڪراهٽ. اڻ ٿڪ شيواڌاري ، سنيهہ مئي هن ناريءَ کي منهنجو نمسڪار آهي.

پريتم ورياڻيءَ اچ فون تي ڳالهايو، گڏجي ڪونہ سگهيو. چيائين پرينهن صبوح جو واپس آديپورو جي رهيو آهيان.

ستيش جو خط گهر رکيو هو. آديپور جي اسٽيشن جو سهڻو ورڻن ڪيل هو ... ناٽڪي انداز ۾. هاڻي لڳي پيو تہ ڏينهن جو اها اسٽيشن ڏسڻ ڪپندي هئي. آديپور پهچڻ ۾ توهان سان گڏجڻ جي اُمنگ ۽ انتيري هجڻ ڪارڻ اسٽيشن طرف ڌيان ئي ڪونہ ويو.

وڌيڪ توهان سيني لاءِ گهڻا گهڻا پيار- منهنجي پيارسان گڏ موتيءَ جا پيار بہ شامل آهن.

پيارن مان - تارا

اَدل سومرو (سکر- سنڌ) ٢٠-١٢-١٩٩٦

ماناڻتا سائين، لکمي ڪلاڻي! سدائين خوش هجو شال

جڏهن بہ جهان خان ڳوٺ وٽان گذرڻ ٿيندو آهي تہ اوهان ضرور ياد ايندا آهيو. اوهان جي يادگيري هوندي آهي جو اوهان قرب ڪري منهنجي شعري مجموعي ’وليون وڻ ڦولاريا‘ ۽ منهنجي دوست اَيازگل جي مجموعي تي گڏيل تبصرو ’رچنا‘ ۾ ’پلي ڌرتيءَ جا پلاشاعر‘ جي عنوان سان ڪيو هو. اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي قيام جي ڏس ۾ اوهان جن ۽ سائين ستيش روهڙا جن جي ڪوششن بابت بڌي نهايت خوشي ٿي. اوهان کي سلام آهي جو اوهان اتي سنڌيت جي سرهاڻ کي ڦهليو پيا اَچو. سنڌالاجيءَ واسطي ڪجهہ ڪتاب ۽ آڊيو ڪئسيٽ اُماڻي رهيو آهيان.

سنڌالاجيءَ جي سيني ڪارڪنن جي خدمت ۾ منهنجا سلام ۽ نياز.

توهان جو خادم - اَدل سومرو.

پاپيءَ جو نالو واشديوي آهي؟ مان جڏهن آديپور آيس تڏهن بس اُهو پاپيءَ جي سامهون ٿي ڊوڙو ڪاڏو هوم. پيو ڪجهه بہ ڪائي نہ سگهي هئس. هتي نہ چاڻ چو ڪائي نہ پئي سگهان. منهنجا سلام سڀ پاپيءَ کي ڏج. ۽ آديپور جي سڀني مترن لاءِ گهڻي ياد. ستيش ڪيئن آهي؟ اسان تنهنجي ياد اَدبي ڪلاس ۾ سڀني کي پهچائي. وڌيڪ احوال توکي 'هي' لکندو. گهڻيءَ سڪ وچان

ڪلا موتي

پيارا لڪمي. اُميد تہ مون مسڪين ماستر کي گهر ڏيندين. هن سان گڏ سٺ هزارن جو ڊ.ڊ. موڪليان ٿو - ملير لاءِ . پهچ ڏج. ستيش، پريتم، هريش لاءِ يادگيريون.
تنهنجو موتي - ١٧-١-٩٥

تارا ميرچنداڻي (پونو) ٢٢ آڪٽوبر ١٩٩٥

پيارا ڀاءُ ستيش، لڪمي ۽ ٻچاڻي.

سڀ سان ٽيون ڏينهن رات واپس پنهنجي ماڳ پهچي وياسين. آديپور ۽ بمبئيءَ جي تپت ڪانپوءِ پوني جي آبهوا نهايت ئي وڻندڙ لڳي. بينا جو ماٽڪ اِسٽيشن تي بيٺو هو. سڌو پنهنجي گهروني هليو. ڇيائين Home Government جو حڪم آهي.

بينا وٽ پهچي ڳالهين جون ڳوٿريون کلي ويئون. الله آباد ۽ دهليءَ جا آزمودا ۽ پوءِ ...... پر پهرين آديپور ۽ آديپور جي پيارن جون رهاڻيون ڪندي زبان ئي نہ پي ٿڪي.

ملير اَچا بہ اکين ۾ پيو وسي .... سنڌالجي .... اسڪول .... اسڪول جا چار ٽيچرس ... توهين ٽيئي ..... واشي، ومي ۽ ٻين جن جن سان ملاقات ٿي - سڀ من ۾ سمايا پيا آهن. چارئي ڏينهن سپني وانگر گذري ويا. اَڄ ئي موتيءَ کي چيم: 'اسان ڀاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون تہ ڪيون ئي ڪونہ!'

ٻچاڻيءَ جو ڪلام اڃا بہ اندر ۾ پيو گونجي ۽ گونجندو رهندو، جيستائين وري هتان جي فضا جو ڪوگهرو اَثر اُن تي حاوي پوي، ٻچاڙيءَ ۾ ڪيتري نہ وڻندڙ سوغات ڏنو. 'ملير کي پنهنجو پيڪو گهر ڪري سمجهج.'

انند کيماڻي (نئين دهلي) ٢٥ سپٽمبر ٢٠٠٠

لکمي پريہ، تنهنجو خط، ڪتاب جا نوان ٻہ چئپٽر توکي پسند آيا. ڌنيواد. تو ٻہ آفر ڪيون آهن. هڪ تہ مان ’رچنا‘ جو موهن ڪلپنا انڪ ايڊٽ ڪيان. ان لاءِ مان تيار آهيان. ليڪن اهو شرڌانجلي انڪ نہ رهندو، بلڪ ادبي ڪٽ ڪندڙ انڪ رهندو. ان جي هڪ حصي ۾ موهن جون چونڊ رچنائون ۽ ٻئي حصي ۾ موهن جي شخص ۽ ادب تي جدا جدا ليکڪن جا تبصرا رهندا. ان انڪ کي شايع ڪرڻ جي تاريخ خواه گهٽ ۾ گهٽ ۽ وڌ ۾ وڌ صفحن جو تعداد طئہ ڪري موڪل تہ پوءِ مان دوستن کان تنقيدون گهرايان. تون چاهين تہ ان انڪ لاءِ اڳ ’رچنا‘ خواه ٻين رسالن ۾ موڪلي سگهين ٿو.

تنهنجي ٻي پيشڪش تہ رچنا جي لاءِ Provoke ڪندڙ ڪتابن تي آلوچنا ڪالم لکان. تون منهنجي شخص ۽ ليکڪ کان واقف آهين. منهنجي لکڻ ۾ شديد تکاس جي سمڀاونا رهندي آهي، جنهن سان اوهان جي P. R ڪجهہ متاثر ٿي سگهي ٿي. باوجود رچنا پريوار جي ان نوٽ جي تہ منهنجي ويچارن سان سندن لاڳاپيداري ضروري نہ آهي. ان ڪري اطلاع اوهان کي ڏيڻو آهي تہ اوهين تيار آهيو.

مان اظهار جي مڪمل آزاديءَ هيٺ ڪالم ڏيئي سگهان ٿو، جنهن ۾ آلوچنا - رچنا ٻنهي جي رهڻ جي گنجائش رهندي، خواه ڪالم نيم انوسار موڪلي سگهندس، اها پابندي بہ ڪڏهن ڪڏهن ٽٽي سگهي ٿي. اسٽتي ڏکي لڳئي تہ پلجي وڃجانءِ تہ ڪڏهن اِن ڪالم جي مونکي آفر ڪئي هُيَئہ.

انند کيماڻي

موتي پرڪاش (ممبئي) ١٩ آگسٽ ٢٠٠١

پيارا لکمي،

تو بہ پيرا فون ڪيو. ڳالهائي نہ سگهياسين. سوين انسنا سانڊي وئڪيشن ۾ آيا هئاسين. آديپور ۽ دهلي اچڻ جو پکو ارادو هو، پر پروگرام نہ بيٺو. زندگيءَ جي تيز وهڪري ۾ اسين هلڪي ڪاٺيءَ جيان آهيون. لهر لهر ڌکيندي وڃي. شيام کين چيو هو:

اَرجن حاسد (اَحمدآباد) ٩-١-١٩٩٩

پيارا لکمي، شال خوش بهار هجين.

تي ڏينهن توهانجي اڱڻ ۾ گذريل، چڱا لڳا، پهرين ته چڱو اَچرج لڳو پوءِ محسوس ٿيو ته ميلو آهي، ميلا سنڌ ۾ به هئا، هيءُ به اڄ جي زماني موجب هڪ سندر ميلو هئو. ٻڄاڻي صاحب جي پردرشني واقعي لاجواب هئي. ڪيس گهڻيون گهڻيون مبارڪون.

قوُمن جو اتهاس ائين ئي رهيو آهي، اِئين به ائين ئي هلندو اَچي ته صحيح آهي. ان ريت چئين، ڇهين، اَٺين، ڏهين، ٻارهين سال ڪنڀ جي ميلي ۾، اَرڌ ڪنڀ جي ميلي ۾ سڄي سنسار جا سنڌي پنهنجن پيرن تي هلي سگهون ٿا، سڌا ٿي ٻيهي سگهون ٿا. اسانجا ٻار به ڊوڙون پائڻ سگهي ويا آهن، آڪاش ۾ اڏامن ٿا. انهن جا به ڪيترا خواب آهن، مان سندن ڇهڻ مان ڏسي وٺندو آهيان. پر ميلا عام هجن، ڪن به خاص ماڻهن جا خاص ماڻهن لاءِ نه، هرڪو پنهنجي گهرڀاڻ اَچي، سنڌالجيءَ جو اڱڻ چڱو وڏو آهي. اَڃا به وڏو ويڪرو ٿيندو ٿو وڃي. هاڻي ايڏو وڏو ته ضرور ٿيندو ويندو جو سڀني سنڌين کي پنهنجي ڀاڪر ۾ سمائي سگهجي!!

قوُمون ائين آهن جيئن اَٿاهه سمنڊ جون لهرون، ڪير ڪنهن کي روڪي ڪيئن. ٻولي ساهتيه، سنسڪرتي، پنهنجا ماڻ ماپا ۽ ملهه ڀاڻ جوڙيندي رهي آهي هميشه، اهو لوڪ ورثو آهي ڪنهن به هڪ جو نه، لوڪ ڀاڻ وقت ۽ حالتن آهر اُڀري مٿان ۽ مٿان ڇانئجي ويندا آهن. ان ڪري ته پنج هزار سالن کان چوليون اڃا به چوهه ۾ آهن، جذبا ۽ ڇهاوَ اڄ به هوائن کي ڇميون ٿا ڏين ۽ آنچل ۾ سميٽي ٿا ڇڏين، اهي سڀ اَسين آهيون، اَسين آهيون، ڪنهنجا به نالا نه ڪڻ، سنڌي سڀاڄها سائين، الله لوڪ وري ڪنهن اَهڙي ميلي، اَسان سڀ ٻارن ٻچن سان وري گڏباسين. سنڌالجي پريوار لاءِ سلام!

قربن مان - اَرجن حاسد

هري موٽواڻي (ممبئي) ۲۹-۹-۲۰۰۳

پيارا لکمي،

'رچنا'-۹۸ تائين پهتي آهي ۱۰۰ نمبر جو انتظار آهي. توکي ياد هوندو، منهنجي گهر ماني؏ جو گرهه وات ۾ وجهندي، اُتساه وچان چيو هوء: هري همت ڪر ڪونج جا ۵۰ سال پورا ڪر گولڊن جُبلي ملهاء!

مون گوڏن جي سور؏ ٻين تڪليفن بابت شڪايت ڪئي هئي ۽ تو چيو هو ته جڏهن گهر جون ۹۰ ڏاڪڻيون لهي چڙهي سگهين ٿو ته ٻيون تڪليفون به برداشت ڪري وٺ. ۵۰ سال ضرور پورا ڪر.

هاڻي فيصلو ڪيو آهي ته ۵۰ سال پورا ڪبا. هڪ ٽيم ٺاهي آهي جنهن ۾ سمپادڪ منڊل ۾ ۳، پئٽرنشپ ۾ ٦، ۽ سهيوگين جي هڪ لنبي لسٽ فوٽن سان گڏ، 'پريم پرڪاش نمبر' ۾ ڇپيان پيو، جنهن لاء تنهنجو هڪ فوٽو پاسپورٽ سائيز جو گهرجي تمام جلد. ۵۰ سال پورا ڪيم ته اهو ڪريڊٽ توکي آهي. اڀ ٺي راهه رباني ورتم ته بي ڳالهه آهي. هن نومبر جي ۳۰ تاريخ ۷۵ ۾ قدم ڏريندس. فوٽو جلد موڪل. تنهنجو - هري سنڌي.

مهيش نيڻواڻي (ڀوپال) ۱-۵-۲۰۰٦

اوهان جو ۱۱-۴-۲۰۰٦ جو خط پهتو، خوشي؏ جي ڳالهه آهي جو اوهان سنڌ گهمي آيا.

اوهان جيڪي ڪوٽائون (چوري) ڪيون آهن اُن ڪي شڪ شبه جو نالو ڏنو آهي! شڪ شبه ته تڏهن ٿو ٿئي سگهجي جڏهن مون اهو ڊرامو (واري؏ سندو ڪوٽ) ڏنو ٻڌو نه هو. مون اهو ڊرامو ٻهريون دفعو جڏهن پيش ڪيو هو اُهو به ڏنو هو (لڳ ڀڳ ۵ سال اڳ) ۽ هاڻي به ڏنو. ڇئو ته ٽڪيٽ جي اڌ جي فوٽو ڪاپي موڪليندوسانو. توهان 'سنڌي رتن' ۾ به هڪ ڪهاڻي؏ ۾ منهنجون به ڪوٽائون استعمال ڪيون آهن. هر ڀيري شڪ جي شُئي توهان تي اَچي اَٽڪي

مون لک کنيا، سِڌا جي ٿين هي ڪڏون ڪُيا
فرصت ڏئي زمين تہ اُپ ڏانهن پي ڏسان.

آديپور ۾ رهي آسمان جي تارن کي تڪڻ جو موقعو ملندو. صبوح سويري اوهان سان پنڌ ڪرڻ جو سوڀاڳ ٿيندو.

مون کي ٢ آڪٽوبر بعد مُڪتي ملندي. دير ۾ دير آڪٽوبر ۾ اُسهنداسين. توسان گهڻيئي ڳالهيون ڪرڻيون هيون. شريڪانت ڪنهن نوڪري ڏنڊي لاءِ اَچا ڪوشش ۾ آهي.

٢١ آگسٽ تي وڃي رهيا آهيون. تو ڇيو تہ ايندين پر شايد نہ اَچي سگهئين. سيني لاءِ يادگيريون. موتي

پريو وفا (ممبئي) ٢١-٢-٢٠٠١

پيارا لکمي،

ڪڇ ۾ زبردست ڌرتي ڌبڻ جو زلزلو ٿي گذريو. هري دلگير جي ٻن ليکن مان جي هندواسيءَ ۾ شايع ٿيا، معلوم ٿيو تہ آديپور ۾ بہ چڱو جان ۽ مال جو نقصان ٿيو آهي. هريءَ ۽ دکايل کي خط لکيم پر جواب ڪونہ آيو آهي. نيٽ هريءَ جو ناگپور کان بہ ڏينهن ٿيا تہ اَحوال آيو تہ سندس مکان ڇيهون ڇيهون ٿي پيو ۽ رهڻ لائق ڪونہ آهي. پڙهيم تہ دُکايل جي بنگلي جي ڇت بہ اُڪامي ويئي آهي. هري موٽواٽيءَ مان معلوم ٿيو تہ سنڌالجيءَ جي جڳهہ ۽ ملير جي گهرن کي نقصان ڪونہ ٿيو آهي. مهرباني ڪري ورندڙ ٽپال ۾ جواب ڏج تہ توهان ۽ روهڙا صاحب جي مکانن کي ڪو بہ نقصان نہ ٿيو آهي ۽ اوهان سڀ محفوظ آهيو تہ دلجاءِ ٿيندي. ممبئيءَ ۾ بہ جهٽڪا آيا هئا پر جان مال جو نقصان ڪونہ ٿيو. اُميد تہ اُن طرف ريهئبليٽيشن جو ڪم زور شور سان چالو آهي. هريش واسواٽيءَ جي بہ خبر ڏج تہ صحيح سلامت آهي. دکايل جي بہ خبر ڏج. ڇو ڪين تو خط جو جواب ڏي. ڪجهہ چنتا ٿي پئي آهي. تنهنجي جواب جي انتظار ۾ رهندس.

پيارن مان
’پريو وفا‘

پروفيسر نارائڻ سامتاڻي (ورانسي)

’رچنا‘ - ۱۲۸ ۾ تيرٿ بسنت تي تنهنجو مڪاميلو (انٽرويو سڪياتڪار) تنهنجي محنت ۽ ڪماليت جي پيشڪش آهي. مان ته ان کي هڪ Masterpiece سمجهان ٿو. آشا آهي اهڙا تنهنجا بيا به مڪاميلا پڙهڻ جو موقعو ملندو.

تيرٿ بسنت هڪ انوکي ۽ اساڌارڻ شخصيت جو مالڪ هو ۽ تو هن سان نيو- دهليءَ جي لوڌي ڪالونيءَ جي هڪ نويڪلي گهر ۾ ملي، هن سان ڪافي مدن تي چرچا ڪئي آهي ۽ هن جي ويچارن کي بيباڪ نمُوني پيش ڪيو آهي. هو جيون ڀر برهمچاري رهيو ۽ ان باري ۾ تو هن کان سوال پڇيا آهن ۽ انهن جا جواب به دلچسپ آهن.

هو خوشامد پسند نه هو ۽ نڪو ماڻهن جي وڏي درجي (Status) کان متاثر ٿيندو هو. مهاتما گانڌيءَ سان سندس وارتالاپ به سنو لڳو ۽ منگهارام ملڪاڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻيءَ تي هن جي آلوچنا به وڻي.

آخر ۾ رکو اهو چوندس ته تيرٿ بسنت جو اهو چوڻ ته سنڌي ٻوليءَ جو شبد ڀنڊار محدود آهي، اهو سراسر غلط آهي. ڪڏهن ڪڏهن تيرٿ غلط بيانبازي به ڪري ٿو.

هولارام هنس (ٺاڻي)

’رچنا‘ - ۱۲۹ ۾ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو مقالو ’سڳن آهوجا‘، ساڃهڻ لائق آهي. ايشوري جوتوانيءَ جو سنسمرڻ ’ڪراچي جيئن مون ڏٺي‘، پڙهي، دل ٺئي ٿي ته، ڪراچي وڃي ڏسجي. نامديوَ تاراچندانيءَ جي من وديا تي ليکَ، سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو. چين جي فلاسافر ڪنفيوشس فرمايو هو: جيڪي اوهان کي وڻي ٿو، اُهو ضروري ناهي ته اوهان جي پاڙيسريءَ کي به وڻي. اِتان ڏاهپ چالو ٿئي ٿي!

’سڳن آهوجا جو رايو‘ ’نارائڻ شيام ۽ سنڌي شعر‘، وري وري پڙهڻ لائق آهي. اها حقيقت آهي ته شيام نه فقط عوام جو، پر شاعرن جو به شاعر هو. شيام ۽ شاهه گهرائيءَ سان پڙهڻ ۽ پائڻ ڪانپوءِ آنءِ انهيءَ رائي جو آهيان ته

ڇو ٿي بيهي؟ جيستائين ’رچنا‘ ۾ ڪوتائون ڇپڻ جي ڳالهہ آهي توهان اُهي ڪوتائون ڪونہ ڇپيون جي توهان استعمال ڪيون! پاڻ ڪان بزرگ ڪي ڇا وڏيڪ چئي ٿو سگهجي. مهيش

ڀڳوان اَٽلاڻي (جئپور) ١٦-١٠-٢٠٠٧

پريہ شري لکمي ڪلاڻي،

’ڪوئا ڦاس‘ اڄا هاڻي پڙهي پورو ڪيو اٿم. ڀاونائن ۽ ڀاوڪتا ۾ نہ ڦاسي شناس، ترڪ ۽ زميني حقيقت کي سميٽيندي لکيل ’ڪوئا ڦاس‘ سوچڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري. غير ملڪن لاءِ چڪ سنڌين ۾ ٻين جي مقابلي سرس آهي. شال هن ناٽڪ جا ايندڙ وقت ۾ وڏي پئماني تي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مظاهرا ٿين جئن عام سنڌيءَ کي سُمت اَچي. با مقصد طويل ناٽڪن ۾ گهٽي ڀاڱي درشڪن کي ٻڌڻ جي قوت گهٽ نظر ايندي آهي. توهانجا لکيل سڀ طويل ناٽڪ اسٽيج تي ڪرڻ جي لحاظ ڪان ڏکيا نہ آهن، درشڪ کي پاڻ سان جوڙن بہ ٿا ۽ ڪيس گهڻو ڪجهہ ڏين بہ ٿا. سنڌيءَ جي ڪنهن بہ ناٽڪ ليکڪ ۾ اهي خوبيون نظر نٿيون اَچن. توهان کي واڌايون ڏيڻ ڪان مان پاڻکي روڪي نٿو سگهان! روڪڻ چاهيان بہ نہ ٿو!! توهانجو - ڀڳوان اَٽلاڻي

پريم پرڪاش (اَحمدآباد) ٦-١-٢٠١٠

لکمي - تنهنجو ڪارڊ مليو.
ڪنهن زماني ۾ هڪ لکمي
ڪلڪتي ڪان هٽ ملڻ لاءِ آيو هو
سهڄ، دلدار، سرجڻشيل، ڪلاڪار.......
ٽڳور، ستيہ جيت ري ۽ بادل سرڪار جي سڱنڌ سان واسيل ....!
۽ پوءِ خبر نہ (آهي) ڪيڏانهن هليو ويو!
اَسين بہ مري کپي وياسين. - پريم

















شيخ کان وڌيڪ شيام، شاهه کي ويجهو هو، پنهنجي درويشيءَ، ۽ دانشوريءَ ۽ اُڏام جي ڪري ۽ بس.

شيام سچانندائي (ناگپور)

’رچنا‘ جنوري - مارچ ٢٠١١ انڪ پهتو. ڪور پيج تي هيرو شيوڪاڻيءَ جو فوٽو ڏسي بيحد خوشي ٿي. مون اِئين محسوس ڪيو تہ هنجو فوٽو ويهينءَ صديءَ ۾ ڇپجڻ گهربو هو. دير پيا درست ٿيا. شيوڪاڻيءَ جي ڪهاڻي ”گرڀ پاڙي تي‘ هڪ گنڀير وشيہ تي لکيل ڪهاڻي ساراهہ لائق آهي. ليکڪ تمام سليس ۽ سولي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻي جي پاترن ذريعي ڪيراجمل جي ڌرمپتني گڻونتيءَ کي سمجهائڻ ۾ ڪامياب ويو تہ ’سروگيٽ مدر شپ‘ ذريعي پنهنجو اولاد حاصل ڪري سگهجي ٿو. اِنهيءَ ۾ ڌرم ۽ مريادا جو ڪوبہ اُلنگهن ڪونهي. شيوڪاڻيءَ واڌايون لهڻيون.

’اديبن جا ڪي چونڊ خط‘ ڪافي چاهہ سان پڙهيم. اڄ کان ٽيهہ - پنجٽيهہ سال اڳ سنڌي ناميارن ساهتيڪارن دواران لکمي کلاڻيءَ ڏانهن لکيل خطن مان اُن وقت جي سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ ڪلا جي سرگرمين جي ڄاڻ ملي ٿي. ڪن ساهتيڪارن جي خطن مان سندن زندگيءَ ۾ ٿيل گهٽنائن جي ڄاڻ ملي ٿي. ڪي ڳالهيون اڳ ڪٿي بہ پڙهڻ جو موقعو ڪونہ مليو هو.

هڪ ڳالهہ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي تہ اڪثر ساهتيڪارن لکمي کلاڻيءَ کي ساهتيہ ۽ ڪلا لاءِ ڪيل ڪاريہ لاءِ ساراهيو آهي ۽ واڌايون ڏنيون آهن. سچ پچ لکميءَ ڪلڪتي کان آديپور تائين ساهتيہ ۽ ڪلا جي ڏس ۾ پاڻ پتوڙيو آهي.

موتي پرڪاش جو مقالو وڻيو.

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

Published and Printed by Lakhmi Khilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India
Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540